مرقس

مرقس رسول جي معرفت خوشخبري

تعارف

مرقس، عيسيٰ مسيح جي شاگردن مان هڪ هو، جنهن جي معرفت مليل خوشخبريءَ جي هن پاڪ ڪتاب ۾ عيسيٰ مسيح کي بااختيار ۽ عملي انسان جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. سندس تعليم، پوتن متي سندس قدرت ۽ گناهن کي بخشڻ مان سندس اختيار ظاهر ٿئي ٿو. عيسيٰ مسيح پاڻ کي ”ابن آدم“ چوي ٿو، جيڪو انهيءَ لاءِ آيو ته ماڻهن کي سندن گناهن کان آزادي ڏئي.

مرقس عيسيٰ مسيح جو اَحوال سڌيءَ طرح ۽ مؤثر نموني ۾ پيش ڪري ٿو. هو عيسيٰ مسيح جي ڪمن کي بنسبت هن جي لفظن ۽ تعليم جي نهايت زور ڏيندي بيان ڪري ٿو. هن پاڪ ڪتاب جي شروعات ۾ يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جي ذڪر ۽ عيسيٰ مسيح جي بپتسما وٺڻ ۽ سندس آزمائش کان هڪدم پوءِ عيسيٰ مسيح جي شفا ڏيڻ ۽ تعليم ڏيڻ واري خدمت کي ڪنيو وڃي ٿو. جيئن جيئن وقت گذرندو وڃي ٿو تيئن تيئن عيسيٰ مسيح جا شاگرد کيس بهتر نموني سمجهندا وڃن ٿا پر عيسيٰ مسيح جا مخالف سندس وڌيڪ مخالف ٿيندا وڃن ٿا. اختتامي باب عيسيٰ مسيح جي زميني زندگيءَ جي آخري هفتي جي واقعن کي بيان ڪن ٿا خاص ڪري سندس صليب تي چڙهڻ ۽ سندس وري جي اٿڻ کي.

سِٽاءُ

خوشخبريءَ جي اچڻ جي تياريءَ جو ذڪر	١:١-١٣
گليل علائقي ۾ عيسيٰ مسيح جي عام خدمت	١:١٤-٩:٥٠
گليل کان يروشلم شهر ڏانهن سفر	١٠:١-٥٢

وڃي رهيو آهي، اُتي اوهين هن کي ڏسندا.' جيڪي مون اوهان کي ٻڌايو
آهي سو وساري نه ڇڏجو." ⑧ سو اهي سگهوئي ڊپ ۽ گهڻي خوشيءَ وچان
قبر مان نڪتيون ۽ عيسيٰ جي شاگردن کي ٻڌائڻ لاءِ ڊوڙنديون ويون.
⑨ اوچتوئي عيسيٰ انهن کي مليو ۽ چيائين ته "سلام." اهي ويجهو آيون
۽ پيرن تي ڪري کيس سجدو ڪيائون. ⑩ عيسيٰ کين چيو ته "ڊڄو نه، وڃو
۽ منهنجي ڀائرن کي ٻڌايو ته 'گليل ڏانهن هلو' ۽ اُتي هو مون کي ڏسندا."

پهريدارن جو اطلاع ڏيڻ

⑪ جڏهن عورتون پنهنجو رستو وٺي ويون پئي ته ڪي پهريدار جن قبر
تي پهرو پئي ڏنو، سي موٽي شهر ڏانهن آيا ۽ اچي سڀ ڪجهه جيڪي ٿيو
هو، سو سردار ڪاهنن کي ٻڌايائون. ⑫ سردار ڪاهن بزرگن سان مليا ۽
صلاح ڪيائون ته "سپاهين کي گهڻا پيسا رشوت ڏيئي چئجي ته ⑬ اهي
چون ته 'جڏهن رات جو اسين سمهيا پيا هئاسين تڏهن عيسيٰ جا شاگرد
آيا ۽ سندس ميت چورائي کڻي ويا.' ⑭ جيڪڏهن اها ڳالهه حاڪم جي
ڪن تي پئجي ويئي ته به اسين پاڻهي هن کي سمجهائينداسين، سو اوهان
کي ڪنهن به ڳالهه جو خوف ڪرڻ نه گهرجي." ⑮ پهريدارن پيسا ورتا
۽ جيئن کين چيو ويو هو تيئن ئي ڪيائون. ان ئي ڏينهن کان وٺي اها ڳالهه
يهودين ۾ هُلي ويئي آهي ۽ اڄ تائين مشهور آهي.

شاگردن کي ڏيکاريءَ ڏيڻ

(مرقس ۱٦:۱۴—۱۸، لوقا ۲۴:۳٦—۴۹، يوحنا ۲۰:۱۹—۲۳، رسولن جا ڪم ۱:٦—۸)

⑯ يارهن ئي شاگرد گليل ۾ انهيءَ جبل ڏانهن ويا جتي عيسيٰ وڃڻ لاءِ
چيو هون. ⑰ جڏهن انهن کيس ڏٺو ته اهي کيس سجدو ڪرڻ لڳا جيتوڻيڪ
ڪن کي شڪ به هو. ⑱ عيسيٰ ويجهو اچي انهن سان ڳالهائيندي چيو ته
"مون کي زمين ۽ آسمان جون سڀيئي اختياريون مليل آهن. ⑲ تنهن ڪري
اوهين سڀني قومن وٽ وڃو ۽ انهن کي منهنجا شاگرد ڪريو. انهن کي پيءُ،
فرزند ۽ پاڪ روح جي نالي تي بپتسما ڏيو، ⑳ ۽ کين تعليم ڏيو ته انهن سڀني
حڪمن جي فرمانبرداري ڪن جن جو مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي. يقين
ڪريو ته آءٌ دنيا جي پڄاڻيءَ تائين هميشه اوهان سان هوندس."

۲۸:۱٦ مت ۲٦:۳۲، مر ۱۴:۲۸ ۲۸:۱۹ رس ۱:۸

يروشلم ۾ ان جي آسپاس ۾ آخري هفتو ١١:١–١٥:٤٧
عيسيٰ مسيح جو وري جيئرو ٿيڻ ١٦:١–٨
جيئري ٿيڻ کان پوءِ عيسيٰ مسيح جو ظاهر ٿيڻ
۽ مٿي چڙهي وڃڻ ١٦:٩–٢٠

مرقس

مرقس رسول جي معرفت خوشخبري

يحييٰ بپتسما ڏيڻ واري جي منادي

(متي ٣:١–١٢، لوقا ٣:١–١٨، يوحنا ١:١٩–٢٨)

١ (١) عيسيٰ مسيح ابن خدا جي خوشخبري هن ريت شروع ٿئي ٿي:
(٢) يسعياہ نبيءَ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ:
”خدا چيو تہ ’ڏس،
آءٌ پنهنجو پيغمبر تو کان اڳ ۾ موڪليان ٿو،
تہ هو تنهنجي لاءِ رستو تيار ڪري.‘
(٣) رڻپٽ ۾ پڪارڻ واري جو آواز اچي ٿو تہ
’خداوند لاءِ رستو تيار ڪريو،
هن جي لاءِ واٽون سڌيون ڪريو.‘“
(٤) تنهنڪري ئي تہ يحييٰ رڻپٽ ۾ ظاهر ٿيو هو. هو ماڻهن کي بپتسما
ڏئي پيو ۽ تبليغ ڪري پيو تہ ”پنهنجن گناهن کان توبهہ ڪريو ۽ بپتسما وٺو
تہ خدا اوهان جا گناهہ بخشي ڇڏي.“ (٥) يهوديہ جو سڄو ملڪ ۽ يروشلم
شهر جا سڀ رهاڪو يحييٰ وٽ آيا. انهن پنهنجا گناهہ باسيا ۽ يحييٰ کين
اردن درياءَ ۾ بپتسما ڏني.
(٦) يحييٰ کي اُٺ جي ملس جا ڪپڙا پيل هئا ۽ چيلهہ تي چم جو پٽو
ٻڌل هوس. هو ماڪڙ ۽ جهنگلي ماکي کائيندو هو. (٧) هن ماڻهن ۾ منادي
ڪئي تہ ”منهنجي پٺيان هڪ اهڙو ٿو اچي جو مون کان بہ وڌيڪ قدرت

١:٢ ملا ٣:١ ١:٣ يس ٤٠:٣ ١:٦ ٢.با ١:٨

وارو آهي. آءٌ انهيءَ لائق به نه آهيان جو نوڙي سندس جتيءَ جون ڪهيون
ڪوليان. ⑧ آءٌ اوهان کي پاڻيءَ سان بپتسما ڏيان ٿو پر اهو اوهان کي پاڪ
روح سان بپتسما ڏيندو.“

عيسيٰ جي بپتسما وٺڻ ۽ سندس آزمائش

(متي ٣:١٣-٤:١١، لوقا ٣:٢١-٢٢، ٤:١-١٣)

⑨ انهن ڏينهن ۾ عيسيٰ گليل جي شهر ناصرت کان يحيٰ وٽ آيو ۽
يحيٰ کيس اردن درياءَ ۾ بپتسما ڏني. ⑩ جيئن ئي عيسيٰ پاڻيءَ مان ٻاهر
نڪتو ته کيس آسمان کليل نظر آيو ۽ پاڪ روح کي ڪبوتر وانگر پاڻ تي
لهندو ڏٺائين. ⑪ تڏهن آسمان مان هڪ آواز آيو ته ”تون منهنجو پيارو فرزند
آهين ۽ آءٌ تو مان ڏاڍو خوش آهيان.“
⑫ پوءِ جلد ئي پاڪ روح عيسيٰ کي بيابان ۾ وٺي ويو، ⑬ جتي شيطان
کيس چاليهہ ڏينهن آزمائيندو رهيو. هو جهنگلي جانورن سان گڏ هو پر
ملائڪن سندس سنڀال پئي ڪئي.

چئن مهاڻن کي سڏڻ

(متي ٤:١٢-٢٢، لوقا ٤:١٤-١٥، ٥:١-١١)

⑭ يحيٰ جي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ عيسيٰ گليل ۾ آيو ۽ خدا جي
خوشخبريءَ جي منادي ڪرڻ لڳو ⑮ ”ته وقت اچي پريو آهي ۽ خدا جي
بادشاهت ويجهي آئي آهي، سو توبهہ ڪريو ۽ خدا جي خوشخبريءَ تي
ايمان آڻيو.“
⑯ جيئن عيسيٰ گليل ڍنڍ جي ڪناري سان وڃي رهيو هو ته کيس ٻه
مهاڻا، شمعون ۽ سندس ڀاءُ اندرياس نظر آيا جن ڍنڍ ۾ ڄار وڌو پئي. ⑰ تنهن
تي عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اچو ۽ منهنجي پٺيان هلو ته آءٌ اوهان کي ماڻهو
ڦاسائڻ سيکاريان.“ ⑱ هو هڪدم ڄار ڦٽا ڪري سندس پٺيان هلڻ لڳا.
⑲ ٿورو اڳيرو هليو ته هن زبديءَ جي پٽن يعقوب ۽ يوحنا کي ٻيڙيءَ ۾
ڄارن جي مرمت ڪندي ڏٺو. ⑳ عيسيٰ انهن کي سڏيو ته هنن پنهنجي پيءُ
کي ٻيڙيءَ ۾ مزورن سان ڇڏي ڏنو ۽ عيسيٰ جي پٺيان هلڻ لڳا.

١:١١ پيد ٢٢:٢، زب ٢:٧، يس ٤٢:١، مت ٣:١٧، ١٢:١٨، مر ٩:٧، لو ٣:٢٢
١:١٥ مت ٣:٢

يوت وارو ماڻهو

(لوقا ٤:٣١-٣٧)

(٢١) هو ڪفرناحوم شهر ۾ آيا ۽ عيسيٰ سبت جي ڏينهن تي عبادت‌خاني
۾ وڃي تعليم ڏيڻ لڳو. (٢٢) ماڻهو هن جي تعليم تي حيران ٿي ويا، ڇاڪاڻ‌ته
هو انهن کي شريعت جي عالمن وانگر نه پر اختياريءَ سان تعليم ڏئي رهيو هو.
(٢٣) ايتري ۾ هڪ يوت ورتل ماڻهو عبادت‌خاني ۾ آيو ۽ رڙ ڪري چيائين
ته (٢٤) ”اي عيسيٰ ناصري! تنهنجو اسان سان ڪهڙو واسطو آهي؟ تون اسان
کي ناس ڪرڻ آيو آهين ڇا؟ آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون ڪير آهين، تون خدا جي
هڪ ئي پاڪ هستي آهين.“ (٢٥) پر عيسيٰ هن کي ڇينڀي چيو ته ”ماٺ ڪر،
هن مان نڪري اچ.“ (٢٦) يوت ماڻهوءَ کي خوب جهنجهوڙيو ۽ وڏي واڪي
رڙ ڪري هن مان نڪري آيو. (٢٧) تنهن تي سڀ ماڻهو ايترو ته حيران ٿي ويا
جو هڪٻئي کان پڇڻ لڳا ته ”هي آهي ڇا؟ هيءَ ته نئين تعليم آهي. هو يوتن
تي به اختياريءَ سان حڪم هلائي ٿو ۽ اهي ڪيس مڃين ٿا.“ (٢٨) جلد ئي هن
جي هاڪ سڄي گليل جي علائقي ۾ جتي ڪٿي پئجي ويئي.

گهڻن ماڻهن کي شفا ڏيڻ

(متي ٨:١٤-١٧، لوقا ٤:٣٨-٤١)

(٢٩) ان کان پوءِ هو عبادت‌خاني مان نڪري يعقوب ۽ يوحنا سميت
شمعون ۽ اندرياس جي گهر آيا. (٣٠) شمعون جي سس بخار سان بيمار پئي
هئي. سو جيئن عيسيٰ اتي پهتو ته ڪيس ان بابت ٻڌايائون. (٣١) عيسيٰ ان وٽ
ويو ۽ هن کي هٿ کان وٺي اٿاري وهاريو ته جلد ئي ڪيس بخار ڇڏي ويو
۽ هوءَ انهن جي خدمت ڪرڻ لڳي.
(٣٢) جڏهن سانجهي ٿي ۽ سج لهي ويو ته ماڻهن عيسيٰ وٽ ڪيترا ئي
بيمار ۽ يوتن ورتل ماڻهو آندا. (٣٣) سڄو شهر دروازي تي اچي مڙيو. (٣٤) عيسيٰ
ڪيترن ئي مرضن جي بيمارن کي شفا ڏني ۽ ڪيترن مان يوت ڪڍيائين.
هن يوتن کي ڳالهائڻ جي اجازت ئي نه ڏني، ڇالاءِجو اهي عيسيٰ کي
سڃاڻن پيا ته هو ڪير آهي.

١:٢٢ مت ٧:٢٨-٢٩

عيسيٰ جو گليل ۾ تبليغ ڪرڻ

(لوقا ٤:٤٢-٤٤)

(٣٥) صبح جو سوير بلڪل انڌاري ۾ ئي عيسيٰ اٿي ٻاهر نڪري ويو
۽ هڪڙي سانتيڪيءَ جاءِ تي وڃي دعا گهريائين. (٣٦) شمعون ۽ سندس
ساٿي عيسيٰ کي ڳوليندا رهيا ۽ (٣٧) جڏهن هن کي ڏٺائون ته کيس چيائون
ته ”هرڪو اوهان کي ڳولي رهيو آهي.“ (٣٨) پر عيسيٰ کين چيو ته ”هلو ته
ڪن ٻين پر وارن شهرن ۾ هلون، جيئن اتي به آءٌ تبليغ ڪريان، ڇوته انهيءَ
ئي سبب ڪري آءٌ آيو آهيان.“ (٣٩) هن سڄي گليل ۾ وڃي عبادتخانن ۾
تبليغ ڪئي ۽ ماڻهن مان ڀوت ڪڍيائين.

ڪوڙهه جهڙي مرض واري کي شفا ڏيڻ

(متي ٨:١-٤، لوقا ٥:١٢-١٦)

(٤٠) عيسيٰ وٽ ڪوڙهه جهڙي مرض وارو هڪ ماڻهو آيو، جنهن گوڏن
ڀر ويهي نيزاري ڪري چيس ته ”جيڪڏهن اوهين چاهيو ته مون کي ڇٽائي
پاڪ صاف ڪري سگهو ٿا.“ (٤١) عيسيٰ کي هن تي ڪهل آئي، سو پنهنجو
هٿ ڊگهيري کيس لاتائين ۽ چيائين ته ”آءٌ چاهيان ٿو ته تون پاڪ صاف
ٿيءُ.“ (٤٢) هڪدم هن کان ڪوڙهه جهڙو مرض لهي ويو ۽ هو ڇٽي پاڪ
صاف ٿي پيو. (٤٣) عيسيٰ سختيءَ سان تاڪيد ڪري روانو ڪيس (٤٤) ته متان
ڪنهن کي ٻڌايو اٿيئي، پر سڌو وڃي ڪاهنن کي پاڻ ڏيکار ۽ موسيٰ جي
شريعت موجب قرباني ڪج ته جيئن انهن مٿان ثابتي ٿئي ته تون ڇٽي ويو
آهين. (٤٥) پر هن وڃي جتي ڪٿي اها خبر ٻڌائي ۽ ڳالهه ايتري ته هُلي وئي
جو عيسيٰ پوءِ ڪنهن به شهر ۾ کُلي طرح داخل ٿي نه سگهيو، پر ٻاهر ويران
جاين ۾ رهيو جتي ماڻهو سيني هنڌن کان پئي آيا.

اڌرنگيءَ کي شفا ڏيڻ

(متي ٩:١-٨، لوقا ٥:١٧-٢٦)

٢ (١) ڪن ڏينهن کان پوءِ عيسيٰ ڪفرناحوم ۾ وري موٽي آيو ۽ اها خبر
پکڙجي وئي ته هو گهر ۾ آهي. (٢) سو ايترا ته ماڻهو اچي مڙيا جو
دروازي تي به ويهڻ جي جاءِ ڪانه هئي. عيسيٰ انهن کي خدا جو ڪلام

١:٣٩ مت ٤:٢٣، ٩:٣٥ ١:٤٤ لاو ١٤:١-٣٢

ٻڌايو پئي، (٣) تہ ڪن ماڻھن ھڪ اڌرنگيءَ شخص کي آندو جنھن کي چار
ماڻھو کڻيو پئي آيا. (٤) جيئن تہ سخت پيڙ ڪري ھو اندر اچي نہ سگھيا،
سو جنھن جاءِ ۾ عيسيٰ ويٺل ھو ان جي ڇت کي ڦاڙ ڪيائون. جڏھن ڦاڙ
ويڪرو ٿيو تہ ھنن ڪٽولو، جنھن تي اڌرنگي پيل ھو سو ھيٺ لاٿو. (٥) عيسيٰ
انھن جو ايڏو ايمان ڏسي اڌرنگي شخص کي چيو تہ ”پٽ، تنھنجا گناھہ
بخشجي ويا.“ (٦) پر اتي ڪي شريعت جا عالم ويٺا ھئا سي پنھنجين
دلين ۾ دليل ڊوڙائڻ لڳا تہ (٧) ”ھي ماڻھو ائين ڇو ٿو چوي؟ ھو ڪفر ٿو
بڪي. ڇا خدا کان سواءِ ڪو بہ گناھہ بخشي سگھي ٿو؟“ (٨) عيسيٰ
ھڪدم انھن جي دلين جي دليلن کي ڄاڻي ورتو، سو انھن کي چيائين
تہ ”ڇو اوھين پنھنجين دلين ۾ اھڙا دليل ڊوڙايو ٿا؟ (٩) ڇا اھو سولو آھي تہ
اڌرنگي ماڻھوءَ کي چئجي تہ ’تنھنجا گناھہ بخشجي ويا‘ يا ڪيس چئجي
تہ ’اُٿ، پنھنجو ڪٽولو کڻ ۽ گھمُ ڦرُ؟‘ (١٠) پر آءٌ اوھان تي ثابت ڪندس
تہ ابن آدم کي دنيا ۾ ماڻھن جي گناھہ بخشڻ جي اختياري مليل آھي.“
سو عيسيٰ اڌرنگي شخص کي چيو تہ (١١) ”آءٌ تو کي چوان ٿو تہ پنھنجو
ڪٽولو کڻ ۽ گھر ھليو وڃ.“ (١٢) سڀني ماڻھن جي ڏسندي ئي ھو اُٿي بيٺو،
پنھنجو ڪٽولو کنيائين ۽ تڪڙو تڪڙو ھليو ويو. ھو سڀيئي ڏاڍا حيران ٿي
ويا ۽ خدا جي واکاڻ ڪندي چيائون تہ ”اسان ڪڏھن بہ اھڙي ڳالھہ
نہ ڏٺي آھي!“

لاويءَ کي سڏڻ

(متي ٩:٩-١٣، لوقا ٥:٢٧-٣٢)

(١٣) عيسيٰ وري ڍنڍ جي ڪناري سان پئي ويو تہ ھن وٽ ھڪ ميڙ
اچي گڏ ٿيو ۽ ھن انھن کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. (١٤) واٽ ويندي ھن
حلفيءَ جي پٽ لاويءَ کي محصولي اڏي تي ويٺل ڏٺو. عيسيٰ ھن کي چيو تہ
”منھنجي پٺيان اچ.“ تنھن تي لاوي اٿيو ۽ ھن جي پٺيان ھلڻ لڳو.
(١٥) تنھن کان پوءِ عيسيٰ لاويءَ جي گھر پنھنجن شاگردن سان گڏ
دسترخوان تي ويٺو ھو ۽ ساڻس ڪيئي محصول اڳاڙيندڙ ۽ گنھگار بہ گڏ ويٺا
ھئا، ڇالاءِ جو اھڙا گھڻا ئي ھئا جيڪي عيسيٰ جي پٺيان ايندا ھئا. (١٦) فريسين
جي شريعت جي عالمن جڏھن ڏٺو تہ عيسيٰ محصول اڳاڙيندڙن ۽ گنھگارن
سان گڏ ٿو کائي، تڏھن انھن عيسيٰ جي شاگردن کي چيو تہ ”ھو محصول
اڳاڙيندڙن ۽ گنھگارن سان گڏ ڇو ٿو کائي؟“ (١٧) عيسيٰ ھي ٻڌي ورتو ۽
چيائين تہ ”جيڪي تندرست آھن تن کي طبيب جي گھرج ڪانھي، پر

انهن کي آهي جيڪي بيمار آهن. آءٌ نيڪن کي نه پر گنهگارن کي سڏڻ
لاءِ آيو آهيان.“

روزن بابت سوال

(متي ٩:١٤-١٧. لوقا ٥:٣٣-٣٩)

(١٨) هڪڙي دفعي يحيٰ جا شاگرد ۽ فريسي روزا رکن پيا ته ڪي ماڻهو
عيسيٰ وٽ آيا ۽ اچي پڇيائونس ته ”يحيٰ جا شاگرد ۽ فريسي ته روزا رکن
ٿا پر اوهان جا شاگرد ڇو نه ٿا روزا رکن؟“ (١٩) عيسيٰ انهن کي جواب ڏنو
ته ”ڇا گهوٽ جا ڄاڃي روزا رکي سگهندا جڏهن ته گهوٽ به انهن سان
هجي؟ (٢٠) پر ڪو وقت ايندو جڏهن گهوٽ انهن کان جدا ڪيو ويندو ته
پوءِ ان وقت هو به روزا رکندا.

(٢١) ڪو به ماڻهو نئين ڇتي پراڻي پهراڻ سان نه ٿو سبي، پر جيڪڏهن ائين
ڪندو ته نئين ڇتي پراڻي ڪپڙي کي ڦاڙي اڃا به وڌو انگهه ڪري وجهندي.
(٢٢) ڪو به تازي انگورن جي رس پراڻنساندارن ۾ نه ٿو پري، جيڪڏهن ائين
ڪندو ته رسساندارن کي ڦاڙي وجهندي. سو رس ۽ ساندارا ٻئي زيان ٿي
ويندا. تازي رس نون ساندارن ۾ پربي آهي.“

سبت جي ڏينهن بابت سوال

(متي ١٢:١-٨، لوقا ٦:١-٥)

(٢٣) هڪڙي سبت جي ڏينهن عيسيٰ اَنَ جي ٻنين مان لنگهي رهيو هو.
جيئن ته شاگرد ساڻس گڏ هلن پيا سو اهي اَنَ جا سنگ ڀڃي کائڻ لڳا. (٢٤) تنهن
تي فريسين عيسيٰ کي چيو ته ”ڏسو، اوهان جا شاگرد اهو ڪم ڇو ٿا ڪن
جيڪو سبت جي ڏينهن تي جائز نه آهي؟“ (٢٥) عيسيٰ چين ته ”ڇا اهو اوهان
نه پڙهيو آهي ته دائود ڇا ڪيو هو جڏهن هن کي ۽ سندس ساٿين کي بک لڳي
هئي ۽ ڪجهه کائڻ لاءِ گهربو هون؟ (٢٦) هو سردار ڪاهن ابياتر جي ڏينهن ۾
خدا جي گهر ۾ گهڙي ويو. هن اتي نذر جون مانيون پاڻ به کاڌيون ۽ پنهنجن
ساٿين کي به ڏنيون، جيتوڻيڪ اُهي مانيون ڪاهنن کان سواءِ ٻئي ڪنهن
کي به کائڻ جائز نه هيون.“ (٢٧) عيسيٰ انهن کي وڌيڪ چيو ته ”سبت ماڻهن
لاءِ آهي ۽ نه ماڻهو سبت لاءِ. (٢٨) ابن آدم ته سبت جو به مالڪ آهي.“

٢:٢٢ شر ٢٣:٢٥ — ٢:٢٥-٢٦ ١.سمر ٢١:١-٦

٢:٢٦ لاو ٢٤:٩

سڪل هٿ وارو ماڻهو

(متي ۱۴-۹:۱۲، لوقا ۱۱-۶:۶)

۳ (۱) ان ڪان پوءِ عيسيٰ عبادت‌خاني ۾ موٽي ويو، جتي هڪڙو سڪل
هٿ وارو ماڻهو ويٺل ڏٺائين. (۲) ڪي ماڻهو انهيءَ تاڙ ۾ هئا ته عيسيٰ
هن کي سبت جي ڏينهن شفا ڏئي ته هو مٿس تهمت هڻن. (۳) عيسيٰ سڪل
هٿ واري ماڻهوءَ کي چيو ته ”وچ ۾ تي بيهه.“ (۴) پوءِ ماڻهن کان پڇيائين ته
”سبت جي ڏينهن نيڪي ڪرڻ جائز آهي يا بدي، حياتي بچائڻ جائز آهي
يا مارڻ؟“ پر هو ڪجهه به ڪچي نه سگهيا. (۵) عيسيٰ انهن ڏانهن چوڌاري
ڪاوڙ ۾ ڏٺو، پر ساڳي وقت کيس انهن جي هٺ ۽ هوڏ تي ارمان به ٿيس
پئي. پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ کي چيائين ته ”هٿ ڊگهو ڪر.“ هن هٿ ڊگهيريو
۽ سندس هٿ ٺيڪ ٿي ويو. (۶) تنهن تي فريسي جلدي ٻاهر نڪري ويا ۽
هيروديس جي پارٽيءَ جي ميمبرن سان عيسيٰ جي خلاف سازشون سٽڻ لڳا
ته ڪيئن کيس ختم ڪجي.

ڍنڍ تي ميڙ

(۷) عيسيٰ پنهنجن شاگردن سان گڏجي گليل ڍنڍ جي پاسي نڪري
ويو ته ماڻهن جو وڏو ميڙ سندس پٺيان آيو. گليل، يهوديه (۸) يروشلم، ادوم
۽ اردن جي پريان، صور ۽ صيدا جي آسپاس کان به ماڻهن جا وڏا ميڙ وٽس
آيا، ڇاڪاڻ‌ته انهن ٻڌو هو ته هو عجيب ڪم ٿو ڪري. (۹) جيئن ته ماڻهن
جو گهڻو ڳاهٽ هو تنهنڪري عيسيٰ پنهنجن شاگردن کي چيو ته ”هڪڙي
ٻيڙي تيار ڪريو، متان ماڻهو مون کي ڳاهي نه ڇڏين.“ (۱۰) هن گهڻن ماڻهن
کي ڇٽايو هو، تنهنڪري جن کي به بيماري هئي سي کيس هٿ لائڻ لاءِ
ڏاڍا آتا هئا. (۱۱) جڏهن ڀوتن وارا ماڻهو عيسيٰ کي ڏسندا هئا ته پٽ تي ڪري
رڙيون ڪري چوندا هئا ته ”تون خدا جو فرزند آهين.“ (۱۲) پر عيسيٰ انهن کي
سختيءَ سان چيني تاڪيد ڪندو هو ته ”مون کي ظاهر نه ڪريو.“

ٻارهن رسولن کي چونڊڻ

(متي ۴-۱:۱۰، لوقا ۱۶-۱۲:۶)

(۱۳) عيسيٰ هڪڙي جابلو علائقي ۾ ويو ۽ انهن ماڻهن کي گهرايائين

۱۰-۹:۲ مت ۱:۴، لو ۳-۱:۵

جن کي هو چاهي پيو ۽ اهي وٽس آيا. (١٤) پوءِ ٻارهن ڄڻا چونڊيائين
جن کي رسول ڪري به ڪوٺيائين. انهن کي چيائين ته ”مون اوهان
کي انهيءَ ڪري چونڊيو آهي ته اوهين مون سان گڏ رهو. آءٌ اوهان کي
ٻاهر به تبليغ ڪرڻ لاءِ موڪليندس، (١٥) ۽ اوهان کي ماڻهن مان ڀوتن
ڪڍڻ جي اختياري به ڏيندس.“ (١٦) عيسيٰ جيڪي ٻارهن ڄڻا چونڊيا
اُهي هي هئا: شمعون، جنهن کي ”پطرس“ به نالو ڏنائين، (١٧) زبديءَ جا
پٽ يعقوب ۽ يوحنا، جن کي بونرگس يعني ”گجگوڙ جا پٽ“ ڪري
سڏيائين، (١٨) اندرياس، فلپس، برٿلمئي، متي، توما، حلفيءَ جو پٽ يعقوب،
تدئي، شمعون قوم‌پرست، (١٩) ۽ يهوداه اسڪريوتي، جنهن پوءِ دغا ڪري
جهلايس.

عيسيٰ ۽ بعل‌زبول

(متي ١٢:٢٢–٣٢، لوقا ١١:١٤–٢٣، ١٢:١٠)

(٢٠) پوءِ عيسيٰ گهر آيو. اتي ايتري ته خلق اچي مڙي جو ڪيس ماني کائڻ
جي واندڪائي به نه ملي. (٢١) جڏهن سندس مائٽن اهو ٻڌو تڏهن هو ڪيس
هٿ ڪرڻ لاءِ نڪتا، ڇاڪاڻ‌ته ماڻهو سمجهن پيا ته عيسيٰ چريو آهي.
(٢٢) ڪي شريعت جا عالم جي يروشلم کان آيا هئا، تن پئي چيو ته
”عيسيٰ ۾ بعل‌زبول آهي ۽ انهيءَ ئي ڀوتن جي سردار جي مدد سان هو ڀوتن کي
ماڻهن مان ڪڍي ٿو.“ (٢٣) تنهن تي عيسيٰ ماڻهن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪي
مثال ٻڌايا ته ”ڪيئن شيطان، شيطان کي ڪڍندو؟ (٢٤) جيڪڏهن ڪنهن
بادشاهت ۾ ڦيٽهڙو پوندو ته اُها جٽاءُ ڪري نه سگهندي ۽ (٢٥) جيڪڏهن
ڪنهن گهر ۾ ڏڦيڙ پوندو ته اهو گهر به هلي نه سگهندو. (٢٦) سو جيڪڏهن
شيطان پاڻ پنهنجي خلاف ٿي بيهندو ۽ ڏڦيڙ وجهندو ته بيهي نه سگهندو
۽ تباهه ٿي ويندو.
(٢٧) ڪو به ماڻهو ايستائين طاقتور شخص جي گهر ۾ گهڙي سندس
ملڪيت ڦُري نه سگهندو جيستائين پهريائين اُن طاقتور شخص کي نه ٻَڌندو
۽ تنهن کان پوءِ ئي هن جو گهر ڦريندو.
(٢٨) آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته جيڪي به گناهه ماڻهن ڪيا هوندا ۽ ڪفر
جون ڳالهيون بڪيون هونداءون، سي سڀ هنن کي بخش ٿي سگهن ٿيون.
(٢٩) پر جيڪو به پاڪ روح جي خلاف ڪفر بڪندو، تنهن کي ڪڏهن به

٣:٢٢ مت ٩:٣٤، ١٠:٢٥ ٣:٢٩ لو ١٢:١٠

بخش نه ڪيو ويندو، اتللندو ابدي گناهه جو ڏوهاري ٺيندو.“ (٣٠) عيسيٰ اهو
انهيءَ ڪري چيو جو ڪن پئي چيو ته ”هن ۾ ڀوت آهي.“

عيسيٰ جي ماءُ ۽ ڀائر

(متي ١٢:٤٦–٥٠، لوقا ٨:١٩-٢١)

(٣١) ايتري ۾ عيسيٰ جي ماءُ ۽ ڀائر اچي پهتا ۽ ٻاهر بيهي عيسيٰ کي
پاڻ وٽ گهرائڻ لاءِ سڏيائون. (٣٢) جيڪي ميڙ عيسيٰ جي چوگرد ويٺا هئا تن
کيس ٻڌايو ته ”ڏسو، اوهان جي ماءُ ۽ ڀائر ٻاهر بيٺا اوهان کي سڏين ٿا.“
(٣٣) هن پڇين ته ”منهنجي ماءُ ۽ ڀائر ڪير آهن؟“ (٣٤) پوءِ جيڪي اتي سندس
چوڌاري ويٺا هئا تن ڏانهن نظر ڦيرائي چوڻ لڳو ته ”اِجهام هيءَ آهي منهنجي
ماءُ ۽ اِجهي، هي آهن منهنجا ڀائر. (٣٥) ڇالاءِجو جيڪو به خدا جي مرضيءَ
موجب هلندو سو منهنجو ڀاءُ ڀيڻ ۽ ماءُ آهي.“

ٻج ڇٽڻ واري جو مثال

(متي ١٣:١–٩، لوقا ٨:٤-٨)

٤ (١) عيسيٰ وري ڍنڍ جي ڪناري تي تعليم ڏيڻ لڳو. سندس چوڌاري
ايترا ته ماڻهو اچي مڙيا جو هو پاڻ ڍنڍ ۾ هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺو
۽ ٻي ساري خلق ڪناري تي بيٺي رهي. (٢) عيسيٰ انهن کي ڪيترين ئي
ڳالهين سيکارڻ لاءِ مثال پئي ڏنا ۽ تعليم ڏيندي چيائين (٣) ته ”ٻڌو، هڪڙو
هاري ٻج ڇٽڻ ويو. (٤) ٻج ڇٽيندي ڪي داڻا رستي تي ڪريا ۽ پکي اچي
انهن کي چُڳي ويا. (٥) ڪي داڻا ٽڪرائتي زمين تي ڪريا، جتي گهڻي
مٽي نه هئي سو سلا جلدي اپريا پر پوري مٽي نه هئڻ ڪري (٦) جڏهن
سج اڀريو ته لهسجي ويا. ڇاڪاڻ‌ته انهن کي پاڙ نه هئي تنهنڪري سڪي
ويا. (٧) ڪي داڻا ڪانڊيرن ۾ ڪريا. ڪانڊيرا مٿي اپريا ته انهن کي اُسرڻ
نه ڏنائون ۽ انهن ڪو به ڦر نه ڏنو. (٨) ڪي داڻا پليءَ زمين تي ڪريا. اهي
انگوريا، اپريا ۽ ڦر جهليائون، ڪن ۾ ٽيهه داڻا، ڪن ۾ سٺ داڻا ته ڪن
۾ سؤ داڻا به ڦر هو.“ (٩) عيسيٰ چيو ته ”جنهن کي ڪن آهن سو پلي
ٻڌي.“

١:٤ لو ٥:١–٣

مثالن جو مطلب

(متي ۱۳:۱۰–۱۷، لوقا ۸:۹–۱۰)

(۱۰) عيسيٰ جڏهن نويڪلو ٿيو تہ سندس پوئلڳن ۽ ٻارهن شاگردن
گڏجي مثالن بابت سوال ڪيس. (۱۱) هن انهن کي چيو تہ ”اوهان کي خدا
جي بادشاهت جي ڳجهہ جي سمجهہ ڏني ويئي آهي. پر جيڪي منهنجا
پوئلڳ نہ آهن تن کي سڀ ڳالهيون مثالن سان ٻڌائجن ٿيون، (۱۲) تہ جيئن:

’اهي نهاريندي نهاريندي بہ نہ ڏسن،
ٻڌندي ٻڌندي بہ نہ سمجهن،
تہ متان انهن جون دليون
خدا جي طرف ڦري پون
۽ هو کين بخشي ڇڏي.‘“

ٻج ڇٽڻ واري جي مثال جي سمجهاڻي

(متي ۱۳:۱۸–۲۳، لوقا ۸:۱۱–۱۵)

(۱۳) پوءِ عيسيٰ انهن کان پڇيو تہ ”ڇا اوهين هي مثال نہ ٿا سمجهو؟ تہ
پوءِ اوهين ٻين مثالن جو مطلب ڪيئن سمجهندا؟ (۱۴) ٻج ڇٽيندڙ خدا جو
ڪلام پوکي ٿو. (۱۵) ڪنهن وقت ڪلام رستي تي ڪري ٿو، يعني اهي
ماڻهو جيڪي ڪلام ٻڌن ٿا پر جيئن ئي اهي ٻڌن ٿا تہ شيطان جلدي اچي
انهن جي دلين مان ڇٽيل ٻج ڪڍي وٺي ٿو. (۱۶) ٻيا ماڻهو ان ٻج جي مثل آهن
جيڪو ٽڪرائتي زمين تي ڪريو، يعني اهي ڪلام ٻڌن ٿا ۽ جلدي خوشيءَ
سان قبول ڪن ٿا، (۱۷) پر اهو انهن جي دلين ۾ پاڙ نہ ٿو هڻي ۽ گهڻو وقت
جٽاءُ نہ ٿو ڪري. سو جڏهن ڪا مصيبت يا تڪليف ڪلام جي ڪري
اچين ٿي تہ اهي جلدي ڦري وڃن ٿا. (۱۸) ٻيا ماڻهو ان ٻج جي مثل آهن جيڪو
ڪانڊيرن ۾ ڪريو، يعني اهي ڪلام تہ ٻڌن ٿا، (۱۹) پر دنيا جو فڪر، دولت
جو فريب ۽ ٻين شين جون خواهشون سندن دل ۾ گهڙي ڪري ڪلام
کي گهٽيو ڇڏين، ۽ انهن ۾ ڦر نہ ٿو پچي. (۲۰) ٻيا ماڻهو ان ٻج جي مثل آهن
جيڪو ڀليءَ زمين تي ڪريو، يعني اهي ڪلام ٻڌن ٿا ۽ قبول ڪن ٿا. پوءِ
اهي ٽيهوڻو، سٺوڻو ۽ سئوڻو ڦر جهلين ٿا.“

۴:۱۲ يس ۶:۹–۱۰

ڏيئو ڍڪڻ هيٺان رکڻ

(لوقا ٨:١٦-١٨)

(٢١) عيسيٰ وڌيڪ چين ته ”ڇا اوهين ڏيئو ٻاري ڍڪڻ يا کٽوليءَ جي هيٺان
رکڻ لاءِ آڻيندا آهيو؟ نه، پر اهو ڏياتيءَ تي رکڻ لاءِ آڻيندا آهيو. (٢٢) ڇالاءِجو
اهڙي ڪابه شيءِ لڪل نه آهي جيڪا ظاهر نه ٿئي ۽ اهڙي ڪابه ڍڪيل نه
آهي جا پڌري نه ٿئي. (٢٣) جيڪڏهن اوهان کي ڪن آهن ته ٻلي ٻڌو.“
(٢٤) عيسيٰ اهو به چين ته ”جيڪي ڪجهه ٻڌو ٿا تنهن تي ڌيان ڏيو،
ڇالاءِجو جنهن ماپي سان اوهين ماپي ڏيندا ته ساڳي ماپي سان اوهان کي به
ماپجي ملندو پر ان کان به وڌيڪ ملندو. (٢٥) ڇالاءِجو جنهن وٽ آهي تنهن
کي وڌيڪ ڏنو ويندو ۽ جنهن وٽ ڪجهه به نه آهي تنهن کان اهو به کسيو
ويندو جو ڪجهه به هن وٽ آهي.“

ٻج پوکڻ جو مثال

(٢٦) عيسيٰ ٻڌايو ته ”خدا جي بادشاهت ان ماڻهوءَ مثل آهي، جيڪو
پنهنجي ٻنيءَ ۾ ٻج ڇٽي ٿو. (٢٧) هو رات جو سمهي ٿو ۽ ڏينهن جو جاڳي ٿو ۽
اهڙيءَ طرح ته ٻج ڦٽي هلي ٿو جو هن کي ان جي خبر ئي نه ٿي پوي. (٢٨) زمين
پاڻهي ئي فصل ڏئي ٿي، پهريائين سلو، پوءِ سنگ ۽ ان کان پوءِ سنگ ۾ داڻا
ٿين ٿا. (٢٩) پر جڏهن فصل پچي تيار ٿئي ٿو تڏهن هو هڪدم انهيءَ ۾ ڏاتو
وجهي ٿو، ڇالاءِجو لاباري جو وقت اچي ويو آهي.“

سرنهن جي داڻي جو مثال

(متي ١٣:٣١-٣٢،٣٤، لوقا ١٣:١٨-١٩)

(٣٠) عيسيٰ چيو ته ”اسين خدا جي بادشاهت کي ڇا سان ڀيٽيون ۽ ان
کي سمجهائڻ لاءِ اسين ڪهڙو مثال ڏيون؟ (٣١) اها سرنهن جي داڻي مثل
آهي، جيڪو پوکڻ وقت سڀني کان ننڍو آهي، (٣٢) پر پوکڻ کان پوءِ اڀري
سڀني ٻوٽن کان وڏي وڃي ٿو ۽ ايڏيون ته وڏيون ٽاريون ٿو جهلي جو پکي
سندس ٽارين ۾ واهيرو ڪن ٿا.“

٤:٢١ مت ٥:١٥، لو ١١:٣٣   ٤:٢٢ مت ١٠:٢٦، لو ١٢:٢
٤:٢٤ مت ٧:٢، لو ٦:٣٨   ٤:٢٥ مت ١٣:١٢، ٢٥:٢٩، لو ١٩:٢٦
٤:٢٩ يوا ٣:١٣

(٣٣) اهڙن ڪيترن ئي مثالن سان عيسيٰ انهن کي خدا جو ڪلام
ٻڌائيندو رهيو ته جيئن اهي سمجهي سگهن. (٣٤) هو مثالن کان سواءِ انهن
سان نہ ڳالهائيندو هو، پر جڏهن شاگردن سان اڪيلائپ ۾ هوندو هو ته کين
سڀني ڳالهين جو مطلب سمجهائيندو هو.

طوفان کي بند ڪرڻ

(متي ٨:٢٣-٢٧، لوقا ٨:٢٢-٢٥)

(٣٥) انهيءَ ساڳئي ڏينهن شام جو عيسيٰ پنهنجن شاگردن کي چيو ته
”هلو ته ڍنڍ جي هُن پر هلون.“ (٣٦) تنهن تي انهن خلق کي اتي ڇڏيو ۽
انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺا جنهن ۾ عيسيٰ اڳي ئي ويٺل هو ۽ کيس پاڻ سان
کنيائون. ٻيون ٻيڙيون بہ انهيءَ ٻيڙيءَ سان گڏ هيون. (٣٧) پوءِ هڪڙو وڏو طوفان
آيو ۽ لهرن ٻيڙيءَ تي اهڙو تہ ستڪو لائي ڏنو جو ٻيڙي پاڻيءَ سان پُرجي ٻڏڻ
لڳي. (٣٨) عيسيٰ ٻيڙيءَ جي پاڇيل تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ستو پيو هو ته
شاگردن اچي کيس جاڳايو ۽ چيائونس ته ”اي استاد! اسين مرڻ تي آهيون.
ڇا اوهان کي ڪو خيال ئي نہ ٿو ٿئي؟“ (٣٩) تنهن تي عيسيٰ اُٿيو ۽ واءُ کي
ڇينڀيائين ۽ پاڻيءَ جي لهرن کي حڪم ڪيائين ته ”ماٺيون ٿيو.“ طوفان
بيهجي ويو ۽ بلڪل ٺاپر ٿي ويئي. (٤٠) پوءِ عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اوهين
ڇو ٿا ڊڄو؟ ڇا اوهان کي اڃا تائين مون تي ايمان نہ آهي؟“ (٤١) پر اهي
ڏاڍا ڊڄي ويا ۽ هڪٻئي کان پڇڻ لڳا ته ”هي ڪير آهي جو هوا ۽ پاڻي
بہ هن جو حڪم مڃين ٿا؟“

ڀوت ورتل ماڻهوءَ کي شفا ڏيڻ

(متي ٨:٢٨-٣٤، لوقا ٨:٢٦-٣٩)

٥ (١) هو ڍنڍ جي ٻئي پر گراسينين جي علائقي ۾ اچي پهتا. (٢) اجا عيسيٰ
ٻيڙيءَ تان لٿو ئي مس ته هڪڙو ڀوت ورتل ماڻهو غارن واري قبرستان مان
نڪري اچي ساڻس مليو. (٣) هو قبرن ۾ رهندو هو. هن کي زنجيرن سان بہ
ڪو ٻڌي نہ ٿي سگهيو. (٤) ڇالاءِجو هن کي ڪيترائي دفعا نيئرن ۽ زنجيرن
۾ ٻڌو ويو هو پر هن انهن زنجيرن کي ٽوڙي ۽ نيئرن کي ڀڃي پرزا پرزا ڪري
ڇڏيو هو ۽ ڪو بہ مٿس قابو پئجي نہ ٿي سگهيو. (٥) هو رات ڏينهن قبرن ۽
ٽڪرن ۾ رڙندو وتندو هو ۽ پاڻ کي رتوڇاڻ ڪندو هو.
(٦) هن عيسيٰ کي پري کان ڏسي ورتو ۽ ڀڄي اچي سندس پيرن تي
ڪري پيو. (٧) وڏي واڪي رڙ ڪري چيائين ته ”اي عيسيٰ خداتعاليٰ جا

فرزند! تنهنجو مون سان ڪهڙو واسطو آهي؟ آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان
ته خدا جي واسطي مون کي عذاب نه ڏي.“ (٨) ڇالاءِجو عيسيٰ کيس
چئي رهيو هو ته ”اي ڀوت! هن ماڻهوءَ مان ٻاهر نڪري اچ.“ (٩) عيسيٰ
پڇيس ته ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ماڻهوءَ جواب ڏنو ته ”منهنجو نالو لشڪر
آهي، ڇالاءِجو اسين گهڻا آهيون،“ (١٠) هن ليلائيندي چيو ته ”اسان کي هن
علائقي مان تڙي نه ڪڍ.“
(١١) ٽڪر جي پاسي ۾ هڪ وڏو سوئرن جو ڌڻ چري رهيو هو. (١٢) عيسيٰ
کي ڀوتن منٿ ڪئي ته ”مهرباني ڪري اسان کي موڪل ڏيو ته سوئرن ۾
گهڙي وڃون.“ (١٣) عيسيٰ انهن کي موڪل ڏني ۽ ڀوت ماڻهوءَ مان نڪري
سوئرن ۾ گهڙي ويا. ٻه هزار سوئرن جو سڄو ڌڻ ٽڪر جي چوٽيءَ تان هيٺ
ڊوڪيندو وڃي ڍنڍ ۾ پيو ۽ سوئر ٻڏي مئا.
(١٤) جيڪي ماڻهو سوئرن جو ڌڻ چاري رهيا هئا، سي ڀڄي ويا ۽ وڃي
شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ اها خبر ٻڌايائون. ماڻهو هن واقعي کي ڏسڻ لاءِ نڪري آيا.
(١٥) هو عيسيٰ وٽ آيا ۽ ڏٺائون ته جنهن ماڻهوءَ ۾ ڀوتن جو لشڪر هو سو اتي
ويٺو آهي ۽ ڪپڙا پيل اٿس ۽ پوري هوش ۾ آهي. تنهن تي سڀئي ڊڄي ويا.
(١٦) جن اهو رنگ اکين سان ڏٺو هو تن کين ڀوتن ۽ سوئرن بابت سڄي ڳالهه
ڪري ٻڌائي. (١٧) تنهن تي انهن عيسيٰ کي منٿ ڪري چيو ته ”مهرباني
ڪري اسان جي علائقي مان هليا وڃو.“
(١٨) جڏهن عيسيٰ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو پئي ته جنهن ماڻهوءَ ۾ اڳ ڀوت هئا
تنهن اچي منٿ ڪيس ته ”مون کي به پاڻ سان وٺي هلو.“ (١٩) پر عيسيٰ کيس
اجازت نه ڏني ۽ اٿلندو چيائينس ته ”گهر مائٽن ڏانهن موٽي وڃ ۽ وڃي انهن
کي ٻڌاءِ ته خداوند تو لاءِ ڇا ڪيو ۽ ڪيتري قدر هو تو تي مهربان رهيو.“
(٢٠) تنهن تي اهو ماڻهو هليو ويو ۽ وڃي دڪاپلس ۾ خبرون ڪيائين ته عيسيٰ
هن لاءِ ڇا ڪيو، ۽ جن به اهو ٻڌو ته حيران ٿي ويا.

يائرس جي ڌيءَ کي جيئرو ڪرڻ ۽ هڪ عورت کي شفا ڏيڻ

(متي ٩:١٨-٢٦، لوقا ٨:٤٠-٥٦)

(٢١) عيسيٰ جڏهن ٻيڙي ۾ چڙهي وري ٻيءَ پر موٽيو ته ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي
ماڻهن جو وڏو ميڙ ڦري آيس. (٢٢) يهودين جي مقامي عبادتخاني جو يائرس
نالي هڪڙو سردار، عيسيٰ کي ڏسي سندس پيرن تي ڪري پيو. (٢٣) کيس
ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪري چوڻ لڳو ته ”منهنجي ننڍي ڌيءَ مرڻ تي آهي،
مهرباني ڪري هلي هٿ گهمايوس ته چڱي ڀلي ٿئي ۽ بچي پوي.“ (٢٤) تنهن

تي عيسيٰ ان ساں گڏجي هليو ته هڪڙو وڏو ميڙ سندس پٺيان هلڻ لڳو ۽
ماڻهو عيسيٰ تي ڳاهٽ پئي ٿيا.
۲۵ اتي هڪڙي عورت هئي، جنهن کي ٻارهن ورهين کان رت پيو ايندو
هو. ۲٦ جيتوڻيڪ هن ڪيترن طبيبن کي پاڻ ڏيکاريو هو، ۽ جيڪا به پنهنجي
ميڙي چونڊي هيس سا سڀ خرچ ڪري ڇڏي هئائين ۽ ڪيس ذري جو به
فائدو ڪونه پيو هو، پر اٽلندو وڌيڪ عليل ٿيندي پئي ويئي. ۲۷ جڏهن انهيءَ
عورت عيسيٰ بابت ڳالهيون ٻڌيون ته ميڙ ساں گڏجي سندس پٺيان آئي ۽
عيسيٰ جي ڪپڙن کي هٿ لاتائين، ۲۸ ڇالاءِجو هوءَ دل ۾ چوي پيئي ته
"جيڪڏهن مون رڳو سندس ڪپڙن کي به هٿ لاتو ته آءٌ ڇاق ٿي وينديس."
۲۹ پوءِ جلد ئي سندس رت وهڻ بند ٿي ويو ۽ هوءَ پاڻ کي تندرست سمجهڻ
لڳي. ۳۰ ايتري ۾ عيسيٰ محسوس ڪيو ته "مون مان قدرت نڪتي آهي."
سو ميڙ ڏانهن ڦري چيائين ته "منهنجي دامن کي ڪنهن هٿ لاتو آهي؟"
۳۱ تنهن تي سندس شاگردن وراڻيس ته "سائين، ماڻهو اوهان تي پيا ڳاهٽ
ٿين ۽ اوهين چئو ٿا ته ڪنهن مون کي هٿ لاتو آهي." ۳۲ پر هو جاچيندو
رهيو ته اهو ڪم ڪنهن ڪيو؟ ۳۳ هاڻي ان عورت کي خبر پئي ته ساڻس ڇا
ٿيو آهي، سا ڊڄندي ۽ ڏڪندي اچي عيسيٰ جي پيرين پيئي ۽ سچي ڳالهه
ڪري ٻڌايائينس. ۳۴ تنهن تي عيسيٰ کيس چيو ته "ڌيءُ، تنهنجي ايمان تو
کي ڇٽايو آهي، سو خوش ٿيءُ ۽ هاڻي آزار کان ڇٽينءَ."
۳۵ عيسيٰ اڃا ڳالهائي رهيو هو ته اوڏيءَ مهل يائرس جي گهران ماڻهو
آيا، جن اچي يائرس کي ٻڌايو ته "تنهنجي ڌيءَ مري ويئي، هاڻي استاد کي
وڌيڪ تڪليف نه ڏي." ۳٦ عيسيٰ انهيءَ ڳالهه تي ڪو به ڌيان نه ڏنو، بلڪ
يهودين جي عبادتخاني جي سردار کي چيائين ته "ڊڄ نه، رڳو ويساهه
رک." ۳۷ عيسيٰ پاڻ ساں گڏ پطرس، يعقوب ۽ سندس ڀاءُ يوحنا کان سواءِ
ٻئي ڪنهن کي به هلڻ جي اجازت نه ڏني. ۳۸ اهي عبادتگاهه جي سردار
جي گهر آيا ۽ عيسيٰ ڏٺو ته گهر ۾ ماتم لڳو پيو آهي، ماڻهو ڏاڍيان روئڻ ۽ پٽين
ٿا پيا. ۳۹ جڏهن عيسيٰ اندر گهڙيو تڏهن انهن کي چيائين ته "اوهين هُل ڇو
ٿا ڪريو ۽ ڇو ٿا روئو؟ ڇوڪري مئي نه ڪانهي پر ستي پيئي آهي." ۴۰ تنهن
تي اهي مٿس ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. تنهنڪري هن سڀني کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.
رڳو پنهنجن ساٿين ۽ ڇوڪريءَ جي ماءُ پيءُ کي ساڻ ڪري اندر ويو جتي
اها ڇوڪري پيئي هئي. ۴۱ هن ڇوڪريءَ جي هٿ کان وٺي چيو ته "تليٿا
قُومي،" جنهن جي معنيٰ آهي ته "آءٌ تو کي چوان ٿو ته 'اي ننڍڙي نينگري!
اُٿ.'" ۴۲ تنهن تي ڇوڪري هڪدم اُٿي کڙي ٿي ۽ جيئن ته هوءَ ٻارهن

ورهين جي هئي سو هلڻ لڳي. هو ڏاڍا حيران ٿي ويا. (٤٣) پوءِ عيسيٰ انهن کي
سخت تاڪيد ڪيو ته ”اها ڳالھ ڪنهن سان بہ نہ ڪجو.“ ڪين چيائين
تہ ”ڇوڪريءَ کي کائڻ لاءِ ڪجھ ڏيو.“

عيسيٰ کي ناصرت وارن جو نہ قبولڻ

(متي ١٣:٥٣–٥٨، لوقا ٤:١٦–٣٠)

٦ (١) عيسيٰ اتان روانو ٿي موٽي پنهنجي شهر ۾ آيو ۽ سندس شاگرد بہ
هن جي پٺيان آيا. (٢) جڏهن سبت جو ڏينهن آيو تہ هو عبادتخاني
۾ تعليم ڏيڻ لڳو. گھڻا ماڻهو هن کي ٻڌي عجب ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا
تہ ”هن اهي ڳالهيون ڪٿان سکيون آهن؟ اها ڪهڙي دانائي آهي جا کيس
ملي آهي؟ هو اهڙا معجزا ڪيئن ٿو ڪري سگھي؟ (٣) ڇا هي اهو ڊکڻ نہ آهي
جو مريم جو پٽ ۽ يعقوب، يوسيس، يهوداہ ۽ شمعون جو ڀاءُ آهي؟ ڇا هن
جون ڀينرون هتي نہ ٿيون رهن؟“ تنهنڪري هنن عيسيٰ کي قبول نہ ڪيو.
(٤) عيسيٰ انهن کي چيو تہ ”هر نبي پنهنجي وطن، مائٽن ۽ خاندان کان سواءِ
جتي ڪٿي مان پائيندو آهي.“ (٥) عيسيٰ اتي ڪن بيمار ماڻهن جي مٿان
هٿ رکي شفا بخشڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معجزو ڪري نہ سگھيو. (٦) انهن
جي ايمان جي گھٽتائيءَ تي عيسيٰ کي ڏاڍو عجب لڳو.

عيسيٰ جو ٻارهن شاگردن کي موڪلڻ

(متي ١٠:٥–١٥، لوقا ٩:١–٦)

(٧) پوءِ عيسيٰ چوطرف سيني ڳوٺن ۾ ويو ۽ ماڻهن کي تعليم ڏيڻ شروع
ڪيائين. هن پنهنجن ٻارهن ئي شاگردن کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ کين ٻن ٻن
جي ٽولي ۾ روانو ڪيائين. انهن کي اختياري ڏنائين تہ ماڻهن مان ڀوت
ڪڍين، (٨) ۽ کين تاڪيد ڪري چيائين تہ ”اوهين پاڻ سان نڪا ماني،
نڪو ٻاچڪو، نڪو هڙ ۾ پيسو يا ٻيو ڪجھ کڻجو پر رڳو لٺ سفر ۾
کڻجو. (٩) رڳو ڇاڪڙيون پائجو ۽ ٻيو ڪو بہ فالتو پهراڻ پاڻ سان نہ کڻجو.“
(١٠) عيسيٰ کين اهو بہ چيو تہ ”جتي بہ وڃو تہ ان گھر ۾ ايستائين ٽڪي پئجو
جيستائين ان شهر مان روانا نہ ٿيو. (١١) جيڪڏهن ڪنهن اهڙي هنڌ وڃو
جتان جا ماڻهو اوهان کي قبول نہ ڪن، تہ پوءِ اتان رواني ٿيڻ وقت پنهنجي

٦:٤ يو ٤:٤٤ ٦:٨–١١ لو ١٠:٤–١١ ٦:١١ رس ١٣:٥١

[١]پيرن جي مٽي اتي ڇنڊي ڇڏجو ته جيئن مٿن شاهدي قائم ٿئي.“ (١٢) پوءِ
اهي روانا ٿي ويا ۽ ماڻهن ۾ تبليغ ڪيائون ته ”پنهنجن گناهن کان توبهه
ڪريو.“ (١٣) هنن ڪيترن ئي ماڻهن مان ڀوت ڪڍيا ۽ گهڻن ئي بيمارن کي
زيتون جو تيل مکي ڇڱو ڀلو ڪيائون.

يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جو موت

(متي ١٤:١–١٢، لوقا ٩:٧–٩)

(١٤) گليل جي بادشاهه هيروديس به هي سڀڪجهه ٻڌو پئي، ڇاڪاڻ ته
عيسيٰ جي عزت ۽ وقار جي هاڪ هرهنڌ پکڙجي ويئي هئي. ڪي چون
پيا ته ”يحيٰ بپتسما ڏيڻ وارو وري جيئرو ٿيو آهي. تنهنڪري هو اهڙا معجزا
ڪري رهيو آهي.“ (١٥) ٻيا وري چون پيا ته ”هو الياس آهي.“ ڪي چون پيا
ته ”هو اڳين نبين جهڙو هڪ نبي آهي.“
(١٦) جڏهن هيروديس هي ٻڌو ته چيائين ته ”پوءِ هي يحيٰ بپتسما ڏيڻ
وارو آهي. مون ته هن جي سسي لهرائي ڇڏي هئي، پر هو وري جيئرو ٿيو
آهي.“ (١٧) هيروديس پاڻ ئي يحيٰ جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو هو ۽ کيس
ٻڌرائي جيل ۾ وڌو هئائين. هن اهو ڪم هيروديا س جي چوڻ تي ڪيو هو،
جنهن سان هن شادي ڪئي هئي، جيتوڻيڪ اها سندس ڀاءُ فلپس جي زال
هئي. (١٨) يحيٰ هيروديس کي چيو هو ته ”اهو توهان لاءِ جائز نه آهي جو توهين
پنهنجي ڀاءُ جي زال سان شادي ڪريو.“ (١٩) تنهنڪري هيروديا س يحيٰ
کان نفرت ڪندي هئي ۽ يحيٰ کي مارائڻ گهري پيئي. پر هوءَ ائين ڪري
نه ٿي سگهي، (٢٠) ڇاڪاڻ ته هيروديس يحيٰ کان ڊڄندو هو ۽ هن ڄاتو پئي
ته يحيٰ هڪ سچار ۽ پاڪ ماڻهو آهي. سو هيروديس کيس بچائيندو رهيو.
هيروديس يحيٰ جون ڳالهيون ٻڌندو هو، جيتوڻيڪ ٻڌڻ وقت هي ڳالهيون
کيس پريشان ڪنديون هيون.
(٢١) نيٺ هيروديا س کي وجهه ملي ويو. هيروديس پنهنجي جنم جي
ڏينهن جي خوشيءَ ۾ اميرن، وڏن جنگي سردارن ۽ گليل جي مکيه ماڻهن
جي دعوت ڪئي هئي. (٢٢) هيروديا س جي ڌيءَ پاڻ اندر اچي ناچ ڪري
هيروديس ۽ سندس مهمانن کي خوش ڪيو. بادشاهه انهيءَ نينگريءَ کي چيو

[١] پيرن جي مٽي اتي ڇنڊي ڇڏجو: ڏسو متي ١٠:١٤

٦:١٣ يع ٥:١٤ ٦:١٤–١٥ مت ١٦:١٤، مر ٨:٢٨، لو ٩:١٩
٦:١٧–١٨ لو ٣:١٩–٢٠

ته ”جيڪي گهرنٽو اٿيئي سو گهُر ته ڏيانءِ.“ (٢٣) هن قسم کڻي واعدو ڪيس
ته ”جيڪڏهن اڌ بادشاهت جو گهرندينءَ ته به ڏيندوسانءِ.“ (٢٤) تنهن تي هوءَ
ٻاهر نڪري ويئي ۽ وڃي پنهنجي ماءُ کان پڇيائين ته ”آءٌ ڇا گهران؟“ هن
چيس ته ”يحيٰ بپتسما ڏيڻ واري جي سسي.“ (٢٥) تنهن تي نينگري جلد ئي
موٽي آئي ۽ اچي بادشاهه کي چيائين ته ”مون کي هاڻي جو هاڻي يحيٰ بپتسما
ڏيڻ واري جي سسي ٿالهه ۾ آڻي ڏيو.“ (٢٦) هن ڳالهه هيروديس بادشاهه کي
ڏاڍو مايوس ڪيو. پر هو کيس انڪار به ڪري نه ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته هن
مهمانن جي روبرو قسم کڻي واعدو ڪيو هو. (٢٧) تنهنڪري بادشاهه چوبدار
کي موڪليو ته ”جلدي يحيٰ جي سسي لاهي کڻي اچ.“ چوبدار روانو ٿيو
۽ جيل ۾ وڃي يحيٰ جي سسي لاٿائين. (٢٨) پوءِ هن اها سسي هڪ ٿالهه ۾
رکي نينگريءَ کي ڏني، جنهن اها کڻي پنهنجي ماءُ کي ڏني. (٢٩) جڏهن يحيٰ
جي شاگردن هي ٻڌو ته هنن اچي لاش ورتو ۽ ان کي قبر ۾ دفن ڪيائون.

پنج هزار ماڻهن کي کارائڻ

(متي ١٤:١٣–٢١، لوقا ٩:١٠–١٧، يوحنا ٦:١–١٤)

(٣٠) رسول عيسيٰ وٽ اچي گڏ ٿيا ۽ جيڪي ڪم ڪيا هئائون ۽
ماڻهن کي جيڪا تعليم ڏني هئائون، تنهن جو کيس سربستو احوال ڪري
ٻڌايائون. (٣١) ان وقت ايترا ته ماڻهو اچن پيا جو عيسيٰ ۽ سندس شاگردن کي
ماني کائڻ جو وقت به نه ٿي مليو. تنهن تي هن انهن کي چيو ته ”هلو ته هتان
هلون ۽ ڪنهن اڪيليءَ جاءِ تي هلي اوهين ٿورو وقت آرام ڪريو.“ (٣٢) سو
هنن هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪنهن نويڪليءَ جاءِ ڏانهن هلڻ شروع ڪيو.
(٣٣) تنهن هوندي به ڪيترن ئي ماڻهن کين ويندو ڏسي سڃاتي ورتو. سو
اهي سڀيئي پيرين پيادا شهرن مان نڪري پيا ۽ هنن کان به اڳي انهيءَ جاءِ تي
وڃي پهتا. (٣٤) جڏهن عيسيٰ ٻيڙيءَ مان لهي آيو ته ماڻهن جو وڏو ميڙ ڏٺائين
تڏهن سندس دل رحم سان ڀرجي ويئي، ڇالاءِجو هو ندڌڪين رڍن وانگر
هئا. تنهنڪري هو کين گهڻين ئي ڳالهين سيکارڻ لڳو.
(٣٥) جڏهن سج گهڻو لڙي ويو، تڏهن شاگرد گڏجي عيسيٰ وٽ آيا ۽
چيائونس ته ”اڳي ئي دير ٿي ويئي آهي ۽ اسين هتي سڃ ۾ آهيون. (٣٦) سو هنن
ماڻهن کي موڪل ڏيو ته اوسي‌پاسي جي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ وڃي ڪجهه وٺي
کائين.“ (٣٧) پر عيسيٰ چين ته ”اوهين ئي هنن کي ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيو.“

٦:٣٤ ڳا ٢٧:١٧، ١.با ٢٢:١٧، ٢.توا ١٨:١٦، حز ٣٤:٥، مت ٩:٣٦

تڏهن شاگردن پڇيس تہ ”ڇا اوهان جي مرضي آهي تہ اسين وڃي ٻہ سَوَ
[١]چانديءَ جي سڪن جي ماني وٺي اچون ۽ هنن کي کارايون؟“ (٣٨) تنهن تي
عيسيٰ کائن پڇيو تہ ”وڃي ڏسو تہ اوهان وٽ ڪيتريون مانيون آهن؟“ انهن
وڃي ڏٺو ۽ اچي کيس ٻڌايائون تہ ”اسان وٽ پنج مانيون ۽ ٻہ مڇيون آهن.“
(٣٩) پوءِ عيسيٰ شاگردن کي چيو تہ ”هنن ماڻهن کي قطار ۾ هيٺ سائي
گاهہ تي وهاريو.“ (٤٠) تنهن تي اهي ماڻهو سؤ سؤ ۽ پنجاهہ پنجاهہ جون ٽوليون
ٺاهي ويٺا. (٤١) عيسيٰ پنج مانيون ۽ ٻہ مڇيون کڻي هٿن ۾ جهلي آسمان ڏانهن
نهاريو ۽ انهن ۾ برڪت گهريائين. پوءِ مانين جا ٽڪرا ڀڃندو شاگردن کي
ڏيندو ويو تہ اهي ماڻهن ۾ ورهائين. هن ٻہ مڇيون بہ انهن سڀني ۾ ورهايون.
(٤٢) هرهڪ ماڻهوءَ کائي ڍءُ ڪيو. (٤٣) پوءِ شاگردن باقي بچيل مانيءَ ۽ مڇيءَ جون
ٻارهن ڪاريون ڀري کنيون. (٤٤) جن ماني کاڌي تن جو تعداد پنج هزار مرد هو.

پاڻيءَ تي پنڌ ڪرڻ

(متي ١٤:٢٢–٢٣، يوحنا ٦:١٥–٢١)

(٤٥) پوءِ عيسيٰ شاگردن کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري زور ڀريو تہ ”اوهين
ڍنڍ جي هُن پر بيت‌صيدا شهر ڏانهن وڃو.“ هن ماڻهن جي ميڙ کي بہ
موڪل ڏيئي ڇڏي. (٤٦) شاگردن کان موڪلائي پاڻ ٽڪر تي دعا گهرڻ
ويو. (٤٧) شام جو ٻيڙي ڍنڍ جي وچ ۾ پهتي ۽ عيسيٰ اڪيلو سڪيءَ تي هو.
(٤٨) هن ڏٺو تہ واءُ سامهون گهلڻ ڪري شاگردن کي ٻيڙيءَ جي ونجهہ هلائڻ
۾ تڪليف ٿئي ٿي، تنهنڪري هو رات جي پوئين پهر پاڻيءَ تي پنڌ ڪندو
اچي انهن وٽان لنگهيو. (٤٩) پر شاگردن جڏهن کيس پاڻيءَ تي پنڌ ڪندي ڏٺو
تڏهن سمجهيائون تہ ڪو جن آهي، سو وٺي رڙيون ڪرڻ لڳا، (٥٠) ڇالاءِ جو
انهن سڀني هن کي ڏٺو تہ دهلجي ويا. هُن هڪدم ساڻن ڳالهايو تہ ”دلجاءِ
ڪريو، آءٌ آهيان ڊڄو نہ.“ (٥١) پوءِ عيسيٰ انهن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ ويٺو تہ واءُ
بيهجي ويو. شاگرد ڏاڍا حيران ٿي ويا. (٥٢) اهي مانين واري ڳالهہ نہ سمجهي
سگهيا هئا، ڇالاءِ جو اها هنن جي دماغ ۾ بہ نہ ويٺي هئي.

گنيسرت جي بيمارن کي شفا ڏيڻ

(متي ١٤:٣٤–٣٦)

(٥٣) اهي ڍنڍ پار ڪري اچي گنيسرت جي علائقي ۾ پهتا ۽ ٻيڙيءَ جا

[١] چانديءَ جي سڪن: انهن ڏينهن ۾ چانديءَ جو هڪ عام سڪو هڪڙي ڏينهن جي مزوري هوندي هئي. ڏسو متي ٢٠:٢.

پڳهه ٻڌي ڇڏيائون. (٥٤) جيئن ئي ٻيڙيءَ تان لٿا ته ماڻهن عيسيٰ کي سڃاڻي
ورتو. (٥٥) پوءِ اهي ماڻهو سڄي علائقي ۾ پکڙجي ويا ۽ انهن جتي به ٻڌو
ته عيسيٰ آيو آهي اتي انهن پنهنجا بيمار کٽولن تي کڻي پئي آندا. (٥٦) عيسيٰ
ڳوٺن، شهرن ۽ واهڻن ۾ جتي به ويو پئي ته ماڻهن پنهنجا بيمار بازارن ۾ کڻي
ٿي رکيا ۽ منٿ ٿي ڪئي ته ”مهرباني ڪري بيمار کي رڳو پنهنجي دامن تي
هٿ لائڻ ڏيو.“ پوءِ جن به هٿ لاتس پئي سي سڀ چڱا ڀلا ٿي ويا ٿي.

وڏن جون ريتون ۽ رسمون

(متي ١٥:١–٩)

(١) فريسي ۽ ڪي شريعت جا عالم، جيڪي يروشلم کان آيا هئا سي
سڀ عيسيٰ سان اچي مليا. (٢) انهن ڏٺو ته عيسيٰ جا ڪي شاگرد ٧
پليت هٿن يعني اڻڌوتل هٿن سان ماني کائين ٿا پيا. (٣) جڏهن ته فريسي ۽
سڀ يهودي پنهنجن وڏن جي رسم موجب، جيستائين پنهنجا هٿ پنهنجي
خاص نموني سان نه ڌوئن تيستائين نه کائيندا آهن، (٤) ۽ جڏهن بازار کان
اچن تڏهن جيسين نه وهنجن تيسين ڪين کائيندا آهن. انهن وٽ ٻيون به
گهڻيون ريتون رسمون آهن جهڙوڪ: پيالن، لوٽن، پتل جي ٿانون ۽ بسترن
کي ڌوئڻ. (٥) سو فريسين ۽ شريعت جي عالمن عيسيٰ کان اچي پڇيو ته
”اوهان جا شاگرد وڏن جي ريتن رسمن موجب ڇو نه ٿا هلن ۽ پليت هٿن
سان ڇو ٿا ماني کائين؟“ (٦) تنهن تي عيسيٰ چين ته ”اوهان رياڪارن جي
بابت يسعياه ڪهڙي نه پيشنگوئي ڪري ويو آهي ته:

’هيءَ امت پنهنجن چپن سان ته مون کي عزت ڏئي ٿي،
پر هنن جي دل مون کي نه ٿي گهري.
(٧) هو منهنجي عبادت اجائي ٿا ڪن،
ڇالاءِجو هو ماڻهن جا حڪم ائين ٿا سيکارين
جڻ ته اهي خدا جا حڪم آهن.‘“

(٨) عيسيٰ وڌيڪ چيو ته ”اوهين خدا جو حڪم ڇڏي انساني ريتن
رسمن ۾ ڦاسي پيا آهيو.“ (٩) عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اوهين پنهنجن ريتن
رسمن کي پوري ڪرڻ خاطر خدا جي حڪمن کي ڪيئن نه پٺيءَ پويان
اڇلائي ٿا ڇڏيو. (١٠) ڇالاءِجو موسيٰ فرمايو آهي ته ’پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي

٧:٦-٧ يس ٢٩:١٣   ٧:١٠ خر ٢٠:١٢، ٢١:١٧، لاو ٢٠:٩،
شر ٥:١٦.

پيءُ جي عزت ڪريو.‘ ۽ ’جيڪو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي گلا ڪري تنهن کي
اقت ماريو وڃي.‘ ⑪ پر اوهين ماڻهن کي سيکاريو ٿا ته ’جيڪڏهن ڪنهن
وٽ ڪا شيءِ آهي جنهن سان هو پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهرج پوري ڪري
سگهيو ٿي، پر هن اها قربان، يعني خدا جي نذر ڪري ڇڏي آهي، ⑫ ته پوءِ
هو ماءُ پيءُ جي گهرج پوري ڪرڻ کان ڇٽي وڃي ٿو.‘ ⑬ اهڙيءَ طرح اوهين
پنهنجين ريتن رسمن سان خدا جو ڪلام رد ٿا ڪريو. اهڙي نموني ٻيون به
ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن جيڪي اوهين ڪريو ٿا.“

انسان کي پليت ڪرڻ واريون شيون

(متي ١٥:١٠-٢٠)

⑭ عيسيٰ سڀني خلق کي وري پاڻ وٽ سڏي چيو ته ”اوهين سڀ
منهنجي ڳالهه ٻڌو ۽ سمجهو. ⑮ ڪا به شيءِ ٻاهران ماڻهوءَ ۾ گهڙي ڪيس
پليت ڪري نه ٿي سگهي، پر جيڪي شيون ماڻهوءَ جي اندر مان ٻاهر نڪرن
ٿيون سي ڪيس پليت ٿيون ڪن. ⑯ جنهن کي ڪن آهن سو ٻڌي.“
⑰ جڏهن عيسيٰ ميڙ کي ڇڏي گهر پهتو ته سندس شاگردن انهيءَ
مثال بابت پڇيس. ⑱ تنهن تي عيسيٰ هنن کي چيو ته ”اوهين به ڪيترا
نه بيسمجهه آهيو، جو ايتري به خبر نه ٿي پئيوَ ته جيڪي ٻاهران انسان ۾
داخل ٿئي ٿو سو ڪيس پليت نه ٿو ڪري، ⑲ ڇالاءِجو اهو انسان جي دل
۾ نه ٿو وڃي پر انسان جي پيٽ ۾ ٿو وڃي ۽ اتان آخرڪار ٻاهر نڪريو
وڃي.“ ائين چئي عيسيٰ کاڌن جي سڀني شين کي حلال سڏيو. ⑳ عيسيٰ
چيو ته ”جيڪي انسان جي دل مان ٻاهر ٿو نڪري سو ئي ڪيس پليت ٿو
ڪري، ㉑ ڇالاءِجو انسان جي دل مان بڇڙا خيال ٿا نڪرن، جهڙوڪ:
حرامڪاري، چوري، خون، ㉒ زناڪاري، لالچ، بڇڙائي، ٺڳي، ڇڙواڳي،
ڪينو، گلاخوري، مغروري ۽ بيوقوفي. ㉓ اهي سڀ خرابيون اندر مان ٿيون
نڪرن ۽ ماڻهوءَ کي پليت ڪن ٿيون.“

هڪ عورت جو ايمان

(متي ١٥:٢١-٢٨)

㉔ پوءِ عيسيٰ اتان اُٿي صور شهر جي علائقن ڏانهن روانو ٿيو ۽ هڪڙي
گهر ۾ گهڙي ويو. هن جي مرضي هئي ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي سندس اچڻ
جي خبر نه پوي، پر هو لڪي نه سگهيو. ㉕ هڪڙي عورت جنهن جي
ننڍڙي ڌيءَ کي ڀوت هو، تنهن کي جڏهن خبر پيئي ته اها هڪدم عيسيٰ

وٽ آئي ۽ اچي پيرين پيس. ٢٦ اها عورت يونانڻ هئي ۽ سورفينڪيءَ جي
قوم مان هئي. هن عيسيٰ کي منٿ ڪئي ته ”منهنجي ڌيءُ مان ھلي ڀوت
ڪڍو.“ ٢٧ پر عيسيٰ چيس ته ”پهرئين ٻارن کي ڍءُ ڪرڻ ڏي، ڇالاءِجو
اهو واجب نه آهي جو ٻارن جي ماني ڪتن کي اڇلائي ڏجي.“ ٢٨ تنهن
تي عورت چيس ته ”سائين برابر پر ڪتا به ته دسترخوان وٽان ٻارن جي اوبر
کيل مانيءَ جا ٽڪر کائيندا آهن.“ ٢٩ عيسيٰ هن کي چيو ته ”برابر تنهنجي
انهيءَ جواب جي ڪري تنهنجي نياڻيءَ مان ڀوت نڪري ويو. سو تون ڀلي
گهر وڃ.“ ٣٠ هو گهر ويئي ۽ ڏٺائين ته سندس ڌيءُ هنڌ تي پيل آهي ۽ ڀوت
بلڪل ڇڏي ويو هوس.

ٻوڙي ۽ ٻاتي کي شفا

٣١ هاڻي عيسيٰ صور جي حدن مان نڪري صيدا مان لنگهي،
ڏڪاپلس جي حدن جو وچ وٺي گليل جي ڍنڍ تي آيو. ٣٢ ماڻهو وٽس
هڪڙي اهڙي شخص کي وٺي آيا جو ٻوڙو هو ۽ ڳالهائڻ ۾ به اٽڪ هيس،
سو منٿ ڪيائونس ته ”هن کي پنهنجو هٿ لايو.“ ٣٣ عيسيٰ اُن کي گوڙ
کان پاسيرو وٺي ويو ۽ پنهنجون آڱريون هن جي ڪنن ۾ وڌائين ۽ پنهنجي
زبان جي لٻ ڪڍي هن جي زبان کي لاتائين. ٣٤ پوءِ عيسيٰ آسمان ڏانهن
نهاري ٿڌو ساهه ڀريو ۽ هن کي چيائين ته ”افتح.“ يعني ”کلي پئُه.“ ٣٥ ته
هڪدم سندس ڪن کلي پيا ۽ هن جي زبان جي ٽند ڇڄي پيئي ۽ هو چٽو
ڳالهائڻ لڳو. ٣٦ پوءِ عيسيٰ انهن ماڻهن کي تاڪيد ڪري چيو ته ”اها ڳالهه
ڪنهن سان به نه ڪجو.“ پر جيترو هن وڌيڪ تاڪيد ڪيو هون، اوترو ئي
وڌيڪ هنن وڃي اها ڳالهه ماڻهن ۾ پڌري ڪئي. ٣٧ سو جن به پئي ٻڌو،
تن کي ڏاڍو عجب پئي لڳو ۽ چوڻ لڳا ته ”ڪهڙي نه عجيب نموني سان
هو هرهڪ ڪم ڪري ٿو، بلڪ هو ته ٻوڙن کي ٻڌڻ جي ۽ گونگن کي
ڳالهائڻ جي به طاقت ٿو ڏئي.“

چار هزار ماڻهن کي کارائڻ

(متي ١٥:٣٢-٣٩)

٨ ١ انهن ڏينهن ۾ وري ماڻهن جو ٻيو وڏو ميڙ اچي گڏ ٿيو. انهن جي
کائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو. تنهن تي عيسيٰ شاگردن کي پاڻ وٽ
سڏيو ۽ چيائين ته ٢ ”مون کي هنن ماڻهن لاءِ ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته
هي ٽن ڏينهن کان وٺي مون سان گڏ آهن ۽ هاڻي کين ڪجهه به ڪونهي جو

ڪٽي ڪائين. (٣) هاڻي جيڪڏهن آءٌ انهن کي پنهنجن گهرن ڏانهن بکئي پيٽ
ٿو موڪليان ته اهي رستي تي ساڻا ٿي پوندا، ڇالاءِجو انهن مان ڪيترا پري
ڪان آيل آهن.“ (٤) شاگردن ورائيس ته ”هتي سڃ ۾ ايتري ماني ڪٿان اچي
جو هنن ماڻهن جو پيٽ ڀرجي؟“ (٥) عيسيٰ شاگردن کان پڇيو ته ”اوهان
وٽ ڪيتريون مانيون آهن؟“ انهن ورائيو ته ”ست.“
(٦) هن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته ”زمين تي ويهو.“ پوءِ هن ستن مانين
کي کڻي خدا کان انهن ۾ برڪت گهري ۽ پڃي ٽڪر ٽڪر ڪندو شاگردن
کي ڏيندو ويو ته انهن جي اڳيان رکندا وڃن ۽ انهن ائين ئي ڪيو. (٧) اُنهن
وٽ ٿوريون ڪُرڙيون به هيون، تن تي به برڪت گهري شاگردن کي ڏنائين ۽
چيائين ته ”اهي به کڻي ماڻهن جي اڳيان رکو.“ (٨) اُنهن ته ڪائي ڍءُ ڪيو پر
ٽڪر گڏيا ايترا ته بچيا جو شاگردن ست ڪاريون ڀري کنيون. (٩) اهي اٽڪل
چار هزار کن ماڻهو هئا. پوءِ عيسيٰ انهن کي موڪل ڏني ۽ (١٠) پاڻ پنهنجن
شاگردن سميت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي دلمنوٿا جي علائقي ۾ ويو.

فريسين جو معجزو طلبڻ

(متي ١٦:١-٤)

(١١) فريسي عيسيٰ وٽ آيا ۽ اچي ساڻس بحث ڪرڻ لڳا ۽ ڪيس آزمائڻ
لاءِ چيائون ته ”آسمان مان ڪو معجزو ڏيکار.“ (١٢) تنهن تي هن ٿڌو ساهه
کڻي چيو ته ”هن زماني جا ماڻهو معجزو ڇو ٿا گهرن؟ آءٌ اوهان کي سچ ٿو
چوان ته هن زماني جي ماڻهن کي ڪو به معجزو نه ڏيکاريو ويندو.“ (١٣) هو
انهن کي ڇڏي موٽي وڃي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو ۽ ڍنڍ جي ٻئي پر هليو ويو.

فريسين ۽ هيروديس جو خميرو

(متي ١٦:٥-١٢)

(١٤) شاگردن کي مانيون کڻڻ وسري ويون ۽ ٻيڙيءَ ۾ هڪڙي مانيءَ کان
سواءِ انهن وٽ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو. (١٥) عيسيٰ چين ته ”ڏسو، خبردار
ٿجو، متان فريسين ۽ هيروديس جي خميري ۾ ڦاسجي پئو.“ (١٦) هو پاڻ ۾
بحث ڪرڻ لڳا ته ”اسان وٽ ته ماني ڪونهي.“ (١٧) عيسيٰ سندن ڳالهه
سمجهي ويو ۽ چيائين ته ”ڇو ٿا پاڻ ۾ بحث ڪريو ته اسان وٽ ماني

__١١:٨__ مت ١٢:٣٨، لو ١١:١٦ __١٢:٨__ مت ١٢:٣٩، لو ١١:٢٩
__١٥:٨__ لو ١٢:١

کونهي؟ ڇا اوهين اڃا تائين نہ ٿا ڄاڻو ۽ سمجهو؟ ڇا اوهان جا دماغ ايترا
ڇٽ آهن؟ (۱۸) ڇا اوهين اکين هوندي بہ ڏسي نہ ٿا سگهو؟ ڇا اوهين ڪنن
هوندي بہ ٻڌي نہ ٿا سگهو؟ ڇا اوهان کي ياد نہ آهي؟ (۱۹) جڏهن مون پنج
مانيون پنج هزار ماڻهن کي ڀڃي ڏنيون تہ ان وقت اوهان ڪيتريون ڪاريون
اوبر جي ٻچيل ٽڪرن جون ڀري ڪنيون هيون؟" انهن جواب ڏنو تہ "ٻارهن
ڪاريون." (۲۰) عيسيٰ وري پڇين تہ "جڏهن مون ست مانيون چئن هزارن
ماڻهن ۾ ورهائي پوريون ڪيون هيون تہ اوهان ان وقت اوبر جي ٽڪرن جون
ڪيتريون ڪاريون ڀري ڪنيون هيون؟" انهن جواب ڏنو تہ "ست ڪاريون."
(۲۱) عيسيٰ چين تہ "پوءِ اڃا بہ اوهين نہ ٿا سمجهو."

بيت‌صيدا ۾ انڌي کي شفا ڏيڻ

(۲۲) پوءِ هو بيت‌صيدا ۾ آيا. جتي ڪي ماڻهو هڪ انڌي کي عيسيٰ وٽ
وٺي آيا ۽ منٿون ڪيائونس تہ "هن کي هٿ لايو." (۲۳) عيسيٰ انهيءَ انڌي ماڻهوءَ
کي هٿ کان وٺي ڳوٺ کان ٻاهر وٺي ويو. هن انڌي ماڻهوءَ جي اکين تي لپ
لائي پنهنجا هٿ سندس اکين تي رکيا ۽ پڇيائينس تہ "ڇا تون ڪا شيءِ ڏسي
سگهين ٿو؟" (۲۴) انڌي ماڻهوءَ مٿي نهاري چيو تہ "مون کي ماڻهو گهمندي
نظر اچن ٿا. پر اهي وڻن وانگر لڳن ٿا." (۲۵) تنهن تي عيسيٰ وري پنهنجا هٿ
هن جي اکين تي رکيا تہ هو چتائي نهارڻ لڳو ۽ سندس نظر بحال ٿي ويئي.
هو ڏورانهيون شيون بہ چٽيون ڏسڻ لڳو. (۲۶) پوءِ عيسيٰ کيس حڪم ڏنو تہ
"سڌو گهر وڃ ۽ ڳوٺ ۾ ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪجانءِ."

پطرس جو عيسيٰ بابت اظهار

(متي ۱۶:۱۳–۲۰، لوقا ۹:۱۸–۲۱)

(۲۷) پوءِ عيسيٰ ۽ سندس شاگرد قيصريہ فلپي جي ڳوٺن ڏانهن ويا. رستي
تي هن ڪانئن پڇيو تہ "ماڻهو منهنجي لاءِ ڇا ٿا چون تہ آءٌ ڪير آهيان؟"
(۲۸) انهن وراڻيو تہ "ڪي چون ٿا تہ اوهين يحيٰ بپتسما ڏيڻ وارا آهيو، ڪي
چون ٿا تہ اوهين الياس آهيو ۽ ٻيا وري چون ٿا تہ اوهين نبين مان ڪو بہ هڪ
آهيو." (۲۹) عيسيٰ پڇين تہ "توهين منهنجي لاءِ ڇا ٿا چئو تہ آءٌ ڪير آهيان؟"
تنهن تي پطرس جواب ڏنس تہ "تون مسيح آهين." (۳۰) پوءِ عيسيٰ کين تاڪيد

۸:۱۸ ير ۵:۲۱، حز ۱۲:۲، مر ۴:۱۲ **۸:۲۸** مر ۶:۱۴–۱۵، لو ۹:۷–۸

۸:۲۹ يو ۶:۶۸–۶۹

ڪري چيو ته ”اهو ڪنهن کي به نه ٻڌائجو.“

پنهنجي ڏک ۽ موت بابت ٻڌائڻ

(متي ۱۶:۲۱–۲۸، لوقا ۹:۲۲–۲۷)

۳۱ عيسيٰ شاگردن کي تعليم ڏيندي چيو ته ”ابن آدم لاءِ ضروري آهي
ته هو گهڻيون سختيون سهي. بزرگ، سردار ڪاهن ۽ شريعت جا عالم کيس
رد ڪندا، ماريندا ۽ ٽئين ڏينهن تي هو وري جيئرو ٿي اٿندو.“ ۳۲ عيسيٰ هي
ڳالهيون کولي کولي چيون. تنهن تي پطرس کيس پاسيرو وٺي ويو ۽ چيائينس
ته ”اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو.“ ۳۳ عيسيٰ ڦري شاگردن ڏانهن منهن ڪري
پطرس کي جهڻڪيو ته ”اي شيطان! منهنجي اکين اڳيان ٽري وڃ، ڇالاءِجو
تون خدا وانگر نه پر ماڻهن وانگر سوچين ٿو.“
۳۴ پوءِ عيسيٰ ميڙ کي شاگردن سميت گهرايو ۽ چيو ته ”جيڪڏهن
ڪو منهنجي پٺيان هلڻ گهري ٿو، ته اهو پنهنجي خوديءَ کي ماري ۽ پنهنجو
صليب کڻي منهنجي پٺيان هلي. ۳۵ ڇالاءِجو جيڪو گهري ته پنهنجي جان
بچائي سو اها وڃائيندو، پر جيڪو منهنجي واسطي ۽ منهنجي خوشخبريءَ
جي واسطي پنهنجي جان وڃائيندو سو اها بچائيندو. ۳۶ ماڻهوءَ کي انهيءَ
مان ڪهڙو فائدو جو هو سڄي دنيا ته هٿ ڪري پر پنهنجي جان وڃائي.
۳۷ ماڻهو پنهنجي جان وري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڏيئي نه ٿو سگهي.
۳۸ جيڪڏهن ڪو هن بي‌ايمان ۽ بڇڙي زماني ۾ مون کان ۽ منهنجي ڪلام
کان شرمائيندو ته ابن آدم به ان کان شرمائيندو، جڏهن هو پنهنجي پيءُ جي
جلوي ۾ پاڪ ملائڪن سان گڏ ايندو.“
۹ ۱ عيسيٰ کين چيو ته ”آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان ته هتي ڪي اهڙا
شخص به بيٺل آهن جيڪي جيستائين خدا جي بادشاهت کي قدرت
سان ايندي نه ڏسندا، تيستائين ڪڏهن به موت جو ذائقو نه چکندا.“

عيسيٰ جو نوراني صورت ۾ بدلجي پوڻ

(متي ۱۷:۱–۱۳، لوقا ۹:۲۸–۳۶)

۲ ڇهن ڏينهن کان پوءِ عيسيٰ پاڻ سان گڏ پطرس، يعقوب ۽ يوحنا کي
هڪ مٿانهين جبل تي وٺي ويو. تڏهن انهن جي ڏسندي عيسيٰ جي

۸:۳۴ مت ۱۰:۳۸، لو ۱۴:۲۷ ۸:۳۵ مت ۱۰:۳۹، لو ۱۷:۳۳، يو ۱۲:۲۵
۹:۲–۷ ۲.پط ۱:۱۷–۱۸

صورت بدلجي پيئي. (۳) سندس پوشاڪ اهڙي سفيد تجليدار ٿي پيئي جو
جيڪر دنيا جو ڪوبہ ڌوٻي پوشاڪ اهڙي سفيد ڪري نہ سگهي. (۴) پوءِ
انهن موسيٰ ۽ الياس کي ڏٺو جيڪي عيسيٰ سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا.
(۵) تنهن تي پطرس عيسيٰ کي چيو تہ ”سائين، اها اسان جي خوش‌نصيبي
آهي جو اسين هتي آهيون. اسين هتي ٽي تنبو هڪ اوهان لاءِ، هڪ موسيٰ لاءِ
۽ هڪ الياس لاءِ ٿا کٽي کوڙيون.“ (۶) پطرس کي خبر نہ پئي پوي تہ هو ڇا پيو
چوي، ڇوتہ هو ۽ ٻيا شاگرد ڏاڍا ڊڄي ويا هئا. (۷) ايتري ۾ هڪڙي ڪڪر
اچي هنن جي مٿان ڇانوَ ڪئي ۽ انهيءَ ڪڪر مان هڪ آواز آيو تہ ”هي
منهنجو هڪڙو ئي پيارو فرزند آهي ۽ هن جي ڌيان سان ٻڌو.“ (۸) هنن جلدي
هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر ڪين عيسيٰ کان سواءِ اتي ٻيو ڪوبہ نظر نہ آيو.
(۹) جيئن هو جبل تان هيٺ لٿا تہ عيسيٰ تاڪيد ڪين تہ ”جيڪو
ڪجهہ ڏٺو اٿوَ سو تيستائين ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجو جيستائين ابن آدم موت
کان پوءِ وري جيئرو نہ ٿئي.“ (۱۰) انهن عيسيٰ جو حڪم تہ مڃيو پر پاڻ ۾
هن معاملي تي بحث ڪرڻ لڳا تہ ”موت کان پوءِ جيئرو ٿيڻ جو مطلب
ڇا آهي؟“ (۱۱) شاگردن کانئس پڇيو تہ ”شريعت جا عالم ڇو ٿا چون تہ
پهريائين الياس جو اچڻ ضروري آهي؟“ (۱۲) تنهن تي عيسيٰ چيو تہ ”برابر،
اهو پهريائين ايندو ۽ هرهڪ شيءِ تيار ڪندو، تہ پوءِ صحيفي ۾ ڇو لکيل
آهي تہ ’ابن آدم گهڻيون سختيون سهندو ۽ ڌڪاريو ويندو؟‘ (۱۳) آءٌ اوهان
کي ٻڌايان ٿو تہ الياس اچي چڪو، پر ماڻهن کيس جيئن وڻيو تيئن ئي ساڻس
سلوڪ ڪيائون، جيئن هن بابت صحيفي ۾ لکيل آهي.“

هڪڙي ڇوڪر مان ڀوت ڪڍڻ

(متي ۱۷:۱۴–۲۱، لوقا ۹:۳۷–۴۳)

(۱۴) جڏهن اهي موٽي ٻين شاگردن سان ملڻ آيا تہ انهن جي چوڌاري
ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ ڏٺائون، جن سان شريعت جا ڪي عالم بحث
ڪري رهيا هئا. (۱۵) عيسيٰ کي ڏسڻ شرط اُهو سارو ميڙ ڏاڍي عجب ۾
پئجي ويو ۽ انهن خوشيءَ وچان ڊوڙي وڃي سندس استقبال ڪيو. (۱۶) عيسيٰ
انهيءَ ميڙ کان پڇيو تہ ”اوهين منهنجي شاگردن سان ڪهڙيءَ ڳالهہ تي
بحث ڪري رهيا هئا؟“ (۱۷) تنهن تي ميڙ مان هڪڙي ماڻهوءَ وراڻيو تہ ”اي
استاد! مون پنهنجو پٽ اوهان وٽ آندو هو، ڇالاءِجو منجهس هڪ ڀوت

۹:۷ مت ۳:۱۷، مر ۱:۱۱، لو ۳:۲۲ ۹:۱۱ ملا ۴:۵، مت ۱۱:۱۴

آهي ۽ ڳالهائي بہ نہ ٿو سگهي. (١٨) جڏهن بہ ڀوت ونيس ٿو تہ کيس پٽ
تي ڪيرائي ٿو ۽ وات مان گگ ڪڍيس ٿو، ان وقت ڏند ڪرٽي ٿو ۽ بدن
بہ سيٽجي سيخ ٿي وڃينس ٿو. مون اوهان جي شاگردن کي چيو تہ ’هن
مان اهو ڀوت ڪڍو.‘ پر اهي ڪڍي نہ سگهيا.“ (١٩) عيسيٰ چيو تہ ”اي
بي‌يقين قوم! آءٌ اوهان سان ڪيستائين هوندس ۽ ڪيستائين آءٌ اوهان جا
ڏک سهندس؟ هاڻي ڇوڪري کي مون وٽ وٺي اچو.“ (٢٠) انهن ڇوڪري
کي وٽس آندو. جڏهن ڀوت عيسيٰ کي ڏٺو تڏهن هن ڇوڪر کي ڏاڍو
جهنجهوڙيو ۽ ڇوڪرو پٽ تي ڪري ليٽڙڻ لڳو ۽ وات مان گگ پئي وهيس.
(٢١) عيسيٰ پٽس کان پڇيو تہ ”گهڻن ڏينهن کان هن جو هي حال آهي؟“
هُن جواب ڏنو تہ ”ننڍي هوندي کان ئي وٺي. (٢٢) ڀوت ڇوڪري کي مارڻ
جي ڪوشش بہ پئي ڪئي آهي، ڇوتہ ڪيترائي دفعا کيس باهہ ۽ پاڻيءَ
۾ اڇلايو اٿس. هاڻي اسان تي ڪو رحم ڪريو ۽ اسان جي مدد ڪريو
جيڪڏهن توهين ڪري سگهو ٿا.“ (٢٣) عيسيٰ هن کي چيو تہ ”اوهان جي
لفظن ’جيڪڏهن ڪجهہ ڪري سگهو ٿا‘ جو مطلب ڇا آهي؟ جيڪو بہ
ايمان آڻي ٿو سو سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.“ (٢٤) تنهن تي ڇوڪري
جي پيءُ واڪو ڪري چيو تہ ”آءٌ ايمان آڻيان ٿو، پر جيڪڏهن منهنجو ايمان
ڪامل نہ آهي تہ مدد ڪريو.“

(٢٥) عيسيٰ ڏٺو تہ ميڙ ڀيڙ ڪندو ٿو اچي، سو ڀوت کي حڪم ڏنائين تہ
”اي ٻوڙا ۽ گونگا ڀوت! آءٌ تو کي حڪم ٿو ڏيان تہ ڇوڪري مان هڪدم
نڪري وڃ ۽ وري ڪڏهن بہ موٽي نہ اچجانءِ.“ (٢٦) تنهن تي ڀوت رڙيون
ڪري ڇوڪري کي ڏاڍو جهنجهوڙي منجهانئس نڪري ويو ۽ ڇوڪرو
مُردي جهڙو ٿي پيو. گهڻن تہ ائين پئي سمجهيو تہ هو مري ويو. (٢٧) پر عيسيٰ
کيس هٿ کان وٺي اُٿاريو تہ هو اُٿي بيٺو.

(٢٨) جڏهن عيسيٰ گهر پهتو تہ سندس شاگردن اڪيلائيءَ ۾ پڇيس
تہ ”اسين هن ڀوت کي ڇو ڪين ڪڍي سگهياسين؟“ (٢٩) عيسيٰ وراڻيو تہ
”دعا کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ نموني اهڙي ڀوت کي ڪڍي نہ سگهبو آهي.“

ٻيو دفعو پنهنجي موت بابت ٻڌائڻ

(متي ١٧:٢٢-٢٣، لوقا ٩:٤٣-٤٥)

(٣٠) هو اتان اٿي هليا ۽ سڄي گليل منجهان گذري ويا. عيسيٰ جي
مرضي نہ هئي تہ سندس اچڻ جي ڪنهن کي بہ خبر پوي، (٣١) ڇالاءِجو هن
پنهنجن شاگردن کي تعليم ڏني پئي تہ ”ابن آدم ماڻهن جي حوالي ڪيو

ويندو، جيڪي کيس ماريندا ۽ ٽئين ڏينهن تي هو وري جيئرو ٿي اٿندو.“
(۳۲) اهي سمجهي نه سگهيا ته هن تعليم جو مطلب ڇا آهي ۽ اهي کانئس
پڇڻ کان به ڊڄن پيا.

وڏو ڪير؟

(متي ۱۸:۱-۵، لوقا ۹:۴۶-۴۸)

(۳۳) اهي ڪفرناحوم ۾ آيا. پوءِ جڏهن عيسيٰ پنهنجن شاگردن سان گڏ
هڪڙي گهر ۾ ويٺو هو تڏهن کانئن پڇيائين ته ”رستي تي اوهان ڪهڙي
ڳالهه تي بحث پئي ڪيو؟“ (۳۴) پر هنن ڪجهه به ڪين، ڇالاءِجو رستي تي
هنن پاڻ ۾ هن ڳالهه تي بحث پئي ڪيو ته سڀ کان وڏو ڪير آهي. (۳۵) عيسيٰ
ويهي رهيو ۽ ٻارهن ئي شاگردن کي سڏي چيائين ته ”جيڪڏهن ڪو اڳيان
ٿيڻ گهري، ته هو سڀني کان پويان ٿئي ۽ سڀني جو نوڪر ٿئي.“ (۳۶) هن انهن
جي اڳيان هڪڙو ٻار ڪڍي بيهاريو ۽ کيس ڀاڪر پائي شاگردن کي چيائين ته
(۳۷) ”جيڪو منهنجي ڪري هنن ٻارن مان ڪنهن به هڪڙي کي قبول ٿو
ڪري، تنهن ڄڻ مون کي قبول ڪيو ۽ جنهن مون کي قبول ڪيو، تنهن نه
رڳو مون کي پر ان کي به قبول ڪيو جنهن مون کي موڪليو آهي.“

مخالف ۽ طرفدار ڪير؟

(لوقا ۹:۴۹-۵۰)

(۳۸) يوحنا عيسيٰ کي چيو ته ”اي استاد! اسان هڪ اهڙو ماڻهو ڏٺو،
جيڪو اوهان جي نالي تي ڀوت ڪڍي رهيو هو ۽ اسان هن کي منع ڪئي،
ڇالاءِجو هو اسان جي ٽولي مان نه هو.“ (۳۹) تنهن تي عيسيٰ چين ته ”هن
کي منع نه ڪريو، ڇالاءِجو اهڙو ڪو به ماڻهو ڪونهي جيڪو منهنجي نالي
تي معجزو ڪري ۽ پوءِ سگهو ئي منهنجي گلا ڪري سگهي. (۴۰) جيڪو
به اسان جي خلاف نه آهي سو اسان سان آهي. (۴۱) آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته
جيڪو اوهان کي پاڻيءَ جو پيالو انهيءَ لاءِ ٿو پياري ته اوهين مسيح جا آهيو،
تنهن کي پنهنجو اجر ضرور ملندو.“

۹:۳۴ لو ۲۲:۲۴ ۹:۳۵ مت ۲۰:۲۶-۲۷، ۲۳:۱۱، مر ۱۰:۴۳-۴۴، لو ۲۲:۲۶
۹:۳۷ مت ۱۰:۴۰، لو ۱۰:۱۶، يو ۱۳:۲۰ ۹:۴۰ مت ۱۲:۳۰، لو ۱۱:۲۳
۹:۴۱ مت ۱۰:۴۲

گمراهہ ڪرڻ واري جي سزا

(متي ١٨:٦–٩، لوقا ١٧:١–٢)

(٤٢) ”هي ننڍڙا ٻار جن جو مون تي ايمان آهي، تن مان ڪنهن هڪ کي
بہ جيڪڏهن ڪو گمراهہ ڪندو، تنهن لاءِ چڱو تہ ائين ٿيندو تہ پنهنجي
ڳچيءَ ۾ جنڊ جو پڙ وجهي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي ٻڏي مري. (٤٣) جيڪڏهن
تنهنجو هٿ توکي گمراهہ ڪري، تہ پنهنجو اهو هٿ ڪپي ڇڏ، ڇوتہ ٻنهي
هٿن سان جهنم جي هميشہ ٻرندڙ باهہ ۾ پوڻ کان اهو بهتر آهي تہ ٽُنڊي هٿ
سان جنت ۾ داخل ٿئين.[1] (٤٥) جيڪڏهن تنهنجو پير توکي گمراهہ ڪري تہ
اهو پير ڪپي ڇڏ، ڇوتہ جهنم ۾ ٻنهي پيرن سان داخل ٿيڻ کان اهو بهتر آهي
تہ جنت ۾ منڊو وڃين.[2] (٤٧) جيڪڏهن تنهنجي اک توکي گمراهہ ڪري
تہ اها اک ڪڍي ڇڏ، ڇوتہ ٻن اکين سان جهنم ۾ وڃڻ کان اهو بهتر آهي
تہ تون ڪاڻو ئي خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿئين. (٤٨) ڇالاءِجو جهنمين کي
کينئان هميشہ کائيندا رهن ٿا ۽ اتي باهہ هميشہ ٻرندي رهي ٿي.
(٤٩) سڀڪو باهہ سان سلوڻو ڪيو ويندو. (٥٠) لوڻ تہ چڱو پر جيڪڏهن
لوڻ مان سواد نڪري وڃي تہ ڪيس ڇا سان وري سلوڻو ڪري سگهبو؟ پاڻ
۾ لوڻ رکو ۽ هڪٻئي سان صلح ۾ رهو.“

طلاق بابت تعليم

(متي ١٩:١–١٢، لوقا ١٦:١٨)

١٠ (١) عيسيٰ اتان اٿي اردن درياءَ جي ٻيءَ پر يهوديہ جي حدن ۾
آيو. وري بہ ماڻهن جا ميڙ هن وٽ گڏ ٿيڻ لڳا ۽ پنهنجي دستور
موجب هو انهن کي تعليم ڏيڻ لڳو.
(٢) ڪي فريسي وٽس آيا ۽ کيس آزمائڻ جي خاطر سوال پڇيائون تہ
”ڀلا تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ جائز آهي يا نہ؟“

---

[1] ڪن ترجمن ۾ هيءَ آيت بہ شامل آهي: (٤٤) ڇالاءِجو جهنمين کي کينئان هميشہ
کائيندا رهن ٿا ۽ اتي باهہ هميشہ ٻرندي رهي ٿي.
[2] ڪن ترجمن ۾ هيءَ آيت بہ شامل آهي: (٤٦) ڇالاءِجو جهنمين کي کينئان هميشہ
کائيندا رهن ٿا ۽ اتي باهہ هميشہ ٻرندي رهي ٿي.

٩:٤٢ مت ٥:٣٠ — ٩:٤٧ مت ٥:٢٩ — ٩:٤٨ يس ٦٦:٢٤
٩:٥٠ مت ٥:١٣، لو ١٤:٣٤–٣٥

(٣) عيسيٰ جواب ۾ پڇين تہ ”اوھان کي موسيٰ ڪھڙو حڪم ڏنو آھي؟“
(٤) انھن چيو تہ ”موسيٰ اجازت ڏني آھي تہ طلاق نامو لکي ڪيدي سگھوس
ٿا.“ (٥) عيسيٰ چيو تہ ”موسيٰ اوھان کي ھي حڪم انھيءَ لاءِ ڏنوم چالاءِجو
ھن کي اوھان جي سخت دليءَ جي خبر ھئي. (٦) پر دنيا جي خلقت کان وٺي
خدا ھنن کي نر ۽ مادي ڪري پيدا ڪيو آھي. (٧) تنھنڪري مرد پنھنجي
ماءُ پيءُ کي ڇڏي پنھنجيءَ زال سان گڏجي رھندوم (٨) ۽ بہ جسم گڏجي
ھڪ ٿي ويندا. پوءِ اھي ٻہ نہم پر ھڪ آھن. (٩) سو جن کي خدا ملايو آھي
تن کي ماڻھو جدا نہ ڪري.“
(١٠) پوءِ جڏھن ھو گھر موٽي آيا تہ شاگردن عيسيٰ کان ان بابت پڇيو.
(١١) عيسيٰ کين وراڻيو تہ ”جيڪو ماڻھو پنھنجي زال کي طلاق ڏيئي ٻي زال
پرڻجي توم تنھن جڻ زنا ڪئيم (١٢) ۽ اھڙيءَ طرح جيڪڏھن ڪا زال پنھنجي
مڙس کان طلاق وٺي ڪنھن ٻئي سان پرڻجي ٿيم تنھن زال بہ جڻ زنا ڪئي.“

ننڍڙن ٻارن سان پيار

(متي ١٩:١٣–١٥م لوقا ١٨:١٥–١٧)

(١٣) ڪن ماڻھن ننڍڙا ٻار عيسيٰ وٽ آندا تہ ھو انھن تي ھٿ رکي پر
شاگردن انھن کي ڇينڀيو. (١٤) جڏھن عيسيٰ اھو ڏٺو تہ ڪاوڙجي پيو ۽
پنھنجن شاگردن کي چيائين تہ ”ٻارن کي مون وٽ اچڻ ڏيو ۽ انھن کي نہ
جھليوم چالاءِجو خدا جي بادشاھت اھڙن جي ئي آھي. (١٥) آءٌ اوھان کي سچ
ٿو ٻڌايان تہ جيستائين ڪو خدا جي بادشاھت ھڪ ننڍي ٻار وانگر قبول نہ
ڪندوم تيستائين اھو ان ۾ داخل نہ ٿيندو.“ (١٦) پوءِ ٻارن کي ھنج ۾ کڻي
انھن جي مٿان ھٿ رکيائين ۽ کين دعا ڪيائين.

شاھوڪار ۽ خدا جي بادشاھت

(متي ١٩:١٦–٣٠م لوقا ١٨:١٨–٣٠)

(١٧) جيئن عيسيٰ رستي سان ويو پئي تہ ھڪ ماڻھو وٽس ڀڄندو آيو ۽
ھن عيسيٰ جي اڳيان گوڏا کوڙي پڇيو تہ ”اي نيڪ استاد! آءٌ ڇا ڪريان
جو دائمي زندگي حاصل ڪريان؟“ (١٨) عيسيٰ چيس تہ ”تون مون کي

١٠:٤ شر ٢٤:١–٤م مت ٥:٣١ ١٠:٦ پيد ١:٢٧م ٥:٢
١٠:٧–٨ پيد ٢:٢٤ ١٠:١١–١٢ مت ٥:٣٢م ١.ڪر ٧:١٠–١١
١٠:١٥ مت ١٨:٣

نيڪ چو ٿو سڏين؟ خدا اڪيلي کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نيڪ نہ آهي. (١٩) تو
کي تہ حڪمن جي خبر آهي تہ خون نہ ڪر، زنا نہ ڪر، چوري نہ ڪر،
ڪوڙي شاهدي نہ ڏي، ٺڳي نہ ڪر ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جي عزت ڪر.“
(٢٠) تنهن تي انهيءَ ماڻهوءَ جواب ڏنو تہ ”استاد، انهن حڪمن تي تہ آءٌ ننڍي
هوندي کان ئي وٺي عمل ڪندو ٿو رهان.“ (٢١) عيسيٰ هن ڏانهن چتائي ڏٺو
۽ سانس پيار ڪيو ۽ چيائين تہ ”تو ۾ اڃا هڪڙي شيءِ جي گهٽتائي آهي.
وڃ ۽ وڃي پنهنجو سڀڪجهہ وڪڻي اهي پيسا غريبن ۾ خيرات ڪر تہ
بهشت ۾ تو کي خزانو ملندو. پوءِ اچ ۽ منهنجو پوئلڳ ٿيءُ.“ (٢٢) اهو ماڻهو
هن ڳالهہ تي ڏاڍو ڪومائجي ويو ۽ ڏک ۾ هليو ويو، ڇالاءِجو هو وڏو
شاهوڪار ماڻهو هو.

(٢٣) عيسيٰ چوڌاري ڏسي پنهنجن شاگردن کي چيو تہ ”شاهوڪار ماڻهو
ڪهڙي نہ مشڪلات سان خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿيندا.“ (٢٤) هنن
لفظن تي شاگرد حيران ٿيا. سو عيسيٰ هنن کي وري چيو تہ ”اي منهنجا ٻارو!
خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. (٢٥) اُٺ جو سئيءَ جي ناڪي
مان لنگهڻ سولو آهي، پر شاهوڪار ماڻهوءَ جو خدا جي بادشاهت ۾ داخل
ٿيڻ اولو آهي.“ (٢٦) تنهن تي شاگرد ڏاڍا حيران ٿي ويا ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي کان
پڇڻ لڳا تہ ”پوءِ ڪير بچي سگهندو؟“ (٢٧) عيسيٰ انهن ڏانهن چتائي ڏٺو
۽ چيائين تہ ”اها ڳالهہ ماڻهن کان ٿي نہ ٿي سگهي، پر خدا ڪري سگهي
ٿو، ڇالاءِجو خدا هر شيءِ تي قادر آهي.“

(٢٨) پوءِ پطرس چيو تہ ”ڏسو، اسان سڀڪجهہ ڇڏي اوهان جي پٺيان
لڳا آهيون.“ (٢٩) تنهن تي عيسيٰ چيو تہ ”برابر، پر آءٌ اوهان کي هيءَ ڳالهہ
ٻڌايان ٿو تہ جيڪو بہ منهنجي ۽ منهنجي خوشخبريءَ جي ڪري پنهنجو
گهر، ڀائر، ڀينرون، ماءُ، پيءُ، ٻار يا ٻنيون ڇڏيندو، (٣٠) تہ ان کي هن دنيا ۾
گهڻو ڪجهہ ملندو، جيئن تہ سئوڻا گهر، ڀائر، ڀينرون، مائرون، ٻار ۽ ٻنيون.
پر اهي ڏکن سان ملنديون ۽ آخرت ۾ کيس دائمي زندگي بہ ملندي. (٣١) پر
ڪيترائي جيڪي هاڻي اڳيان آهن سي پويان ٿيندا ۽ ڪيترائي جيڪي هاڻي
پويان آهن سي اڳيان ٿيندا.“

١٠:١٩ خر ٢٠:١٢–١٦، شر ٥:١٦–٢٠ ١٠:٢١ مت ٢٠:١٦،
لو ١٣:٣٠

ٽيون دفعو پنهنجي موت بابت ٻڌائڻ

(متي ٢٠:‏١٧–١٩، لوقا ١٨:‏٣١-٣٤)

٣٢ اهي يروشلم ڏانهن رستو وٺيو پئي ويا. عيسيٰ شاگردن جي اڳيان
وڃي رهيو هو. اُهي ڏاڍا پريشان هئا ۽ جيڪي سندن پٺيان هئا تن کي وري
اچي خوف ورتو. هڪ دفعو وري عيسيٰ ٻارهن ئي شاگردن کي هڪ پاسي
وٺي ويو ۽ جيڪي ساڻس ٿيڻو هو سي سڀ ڳالهيون ٻڌايائين. ٣٣ عيسيٰ
چين ته ”هاڻي اسين يروشلم ڏانهن هلي رهيا آهيون، جتي ابن آدم سردار
ڪاهنن ۽ شريعت جي عالمن جي حوالي ڪيو ويندو. اهي مٿس موت جي
فتويٰ جاري ڪندا ۽ کيس غير قومن جي حوالي ڪندا. ٣٤ اهي مٿس ٺٺوليون
ڪندا، کيس ٿڪون ۽ چهبڪ هڻندا ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيندا ۽ ٽئين ڏينهن
تي هو وري جيئرو ٿي اٿندو.“

يعقوب ۽ يوحنا جو عرض

(متي ٢٠:‏٢٠–٢٨)

٣٥ پوءِ زبديءَ جا پٽ يعقوب ۽ يوحنا عيسيٰ وٽ آيا ۽ چيائونس ته ”اي
استاد! اسين چاهيون ٿا ته توهين اسان جي لاءِ ڪجهه ڪريو.“ ٣٦ عيسيٰ
انهن کي چيو ته ”اوهين مون کان پنهنجي لاءِ ڇا ٿا ڪرائڻ گهرو؟“ ٣٧ انهن
چيو ته ”اسين چاهيون ٿا ته جڏهن اوهين پنهنجي بادشاهت جي جلوي سان
تخت تي ويهو تڏهن اوهين اسان کي اجازت ڏيو ته هڪڙو اوهان جي ساڄي
۽ ٻيو اوهان جي کاٻي پاسي ويهي.“ ٣٨ عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اوهين نه ٿا
ڄاڻو ته اوهين ڇا گهري رهيا آهيو؟ ڇا اوهين اُهو پيالو پي سگهندا جيڪو مون
کي پيئڻو آهي؟ ڇا اوهين اهڙي بپتسما وٺي سگهندا جهڙي نموني مون کي
وٺڻي آهي؟“ ٣٩ انهن چيو ته ”هائو ائين ڪري سگهون ٿا.“ تنهن تي عيسيٰ
انهن کي چيو ته ”بيشڪ اوهين به اهو پيالو پيئندا جيڪو مون کي پيئڻو آهي
۽ اوهين به اها بپتسما وٺندا جيڪا مون کي وٺڻي آهي. ٤٠ پر منهنجي ساڄي
۽ کاٻي پاسي ويهارڻ، اهو منهنجي اختيار ۾ نه آهي، بلڪ انهن جڳهن تي
انهن کي ئي ويهاريو ويندو جن جي لاءِ اهي تيار ڪيون ويون آهن.“
٤١ جڏهن ٻين ڏهن شاگردن اها ڳالهه ٻڌي ته اهي يعقوب ۽ يوحنا تي
ڪاوڙيا. ٤٢ عيسيٰ انهن سڀني کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ چيو ته ”اوهان کي خبر

١٠:‏٣٨ لو ١٢:‏٥٠   ١٠:‏٤٢-٤٣ لو ٢٢:‏٢٥–٢٦

آهي ته جيڪي قومن جا سردار ٿا سڏائين ۽ ماڻهن تي حڪم ٿا هلائين، تن
مٿان وري سندن امير کي اختيار حاصل آهي. (٤٣) پر اوهان ۾ ائين نه آهي.
اوهان ۾ جيڪو وڏو ٿيڻ چاهي ته اهو اوهان جو نوڪر ٿئي، (٤٤) ۽ جيڪو
اوهان ۾ اڳيان ٿيڻ گهري ته اهو سڀني جو غلام ٿئي. (٤٥) ڇالاءِجو ابن آدم به
انهيءَ لاءِ نه آيو آهي ته ٻيا سندس خدمت ڪن، پر پاڻ ٻين جي خدمت ڪري
۽ گهڻن جي ڇوٽڪاري جي لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي."

انڌي بارتمئي کي سجو ڪرڻ

(متي ٢٠:٢٩–٣٤، لوقا ١٨:٣٥–٤٣)

(٤٦) پوءِ اهي يريحو شهر ۾ آيا. عيسيٰ جڏهن يريحو شهر مان پنهنجن
شاگردن ۽ ماڻهن جي هڪ ميڙ سان لنگهي رهيو هو ته رستي تي هڪ
انڌو فقير پنڻي رهيو هو، جنهن جو نالو بارتمئي هو يعني "تمائي جو پٽ."
(٤٧) جڏهن هن عيسيٰ ناصريءَ کي لنگهندي ٻڌو ته رڙ ڪري چيائينس ته
"اي عيسيٰ ابن دائود! مون تي رحم ڪريو." (٤٨) ڪيترن ئي هن کي ڇڙٻ
ڏيئي چيو ته "ماٺ ڪر." پر هن تيئن وڌي ڏاڍيون رڙيون ڪري چيو ته
"اي ابن دائود! مون تي رحم ڪريو." (٤٩) تنهن تي عيسيٰ بيهي رهيو ۽
چيائين ته "هن کي سڏيو." سو انهن انڌي ماڻهوءَ کي سڏيو ۽ چيائونس ته
"تسلي ڪر ۽ اُٿي هل جو هو تو کي سڏي ٿو پيو." (٥٠) تڏهن هن پنهنجو
ڪپڙو اتي ڦٽي ڪيو ۽ اُٿي عيسيٰ وٽ آيو. (٥١) عيسيٰ پڇيس ته "تون ڇا
ٿو چاهين ۽ آءٌ تنهنجي لاءِ ڇا ڪريان؟" انڌي وراڻيو ته "اي سائين! آءٌ
چاهيان ٿو ته مون کي وري ديد ملي." (٥٢) عيسيٰ چيس ته "وڃ، تنهنجي
ايمان تو کي سجو ڪيو آهي." هڪدم هو ڏسڻوائسڻ لڳو ۽ عيسيٰ جي
پٺيان رستو وٺي هليو.

يروشلم ۾ شان سان داخل ٿيڻ

(متي ٢١:١–١١، لوقا ١٩:٢٨–٤٠، يوحنا ١٢:١٢–١٩)

١١ (١) جيئن هو يروشلم جي ويجهو زيتون جي ٽڪر تي بيت‌فگاه
۽ بيت‌عنياه ڳوٺن وٽ آيا، تڏهن عيسيٰ پنهنجن شاگردن مان ٻن
کي موڪليو، (٢) ۽ چيائين ته "سامهون واري ڳوٺ ۾ وڃو ۽ جيئن ان ڳوٺ
۾ ويندؤ ته اُتي هڪ ڪودڙو ٻڌل ڏسندؤ، جنهن تي اڃا ڪنهن به سواري

١٠:٤٢–٤٤ مت ٢٣:١١، مر ٩:٣٥، لو ٢٢:٢٦

نہ ڪئي هوندي. انهيءَ کي ڇوڙي هيڏانهن ڪاهي اچو. ٣ ۽ جيڪو بہ
توهان کان پڇي تہ ڇو ٿا ڇوڙيو تہ چئجوس تہ سائينءَ کي انهيءَ جي ضرورت
آهي ۽ هو جلد ئي واپس ڏياري موڪليندو.“ ٤ هو هليا ويا ۽ ڪودڙي کي
گهٽيءَ ۾ هڪڙي دروازي جي ٻاهران ٻڌل ڏٺائون ۽ جيئن ڇوڙيائون پئي
٥ تہ جيڪي اُتي بيٺا هئا تن مان ڪن انهن کي چيو تہ ”هي ڇا ٿا ڪريو
۽ ڪودڙي کي ڇو ٿا ڇوڙيو؟“ ٦ تنهن تي انهن ائين ئي جواب ڏنو جيئن
عيسيٰ کين ٻڌايو هو. تڏهن انهن موڪل ڏنن. ٧ اُهي ڪودڙي کي عيسيٰ
وٽ ڪاهي آيا ۽ انهيءَ تي پنهنجا ڪپڙا وڇائون. پوءِ عيسيٰ ان تي چڙهي ويٺو.
٨ ڪيترن ماڻهن پنهنجا پهراڻ رستي تي وڇائي ڇڏيا ۽ ٻين وري ٻنين مان
وڻن جون ٽاريون آڻي پکيڙي ڇڏيون. ٩ ماڻهو جيڪي اڳيان ۽ پٺيان آيا پئي
تن واڪا ڪري چيو پئي تہ:

”واڪاڻ خدا جي آهي.
سڳورو آهي اهو
جيڪو خداوند جي نالي تي اچي ٿو.
١٠ سڳوري آهي اها ايندڙ بادشاهت
جيڪا اسان جي ابي دائود جي آهي.
عرش عظيم ۾ خدا جي واڪاڻ.“

١١ عيسيٰ يروشلم ۾ داخل ٿيو. هو هيڪل ۾ ويو جتي چوڌاري نظر
ڦيرائي هرهڪ شيءِ کي ڏٺائين. پر جيئن تہ ڏينهن ڪافي لڙي چڪو هو
تنهنڪري هو پنهنجن ٻارهن شاگردن سان بيت‌عنياه ڏانهن هليو ويو.

انجير جي وڻ کي پاراتو

(متي ٢١:١٨-١٩)

١٢ ٻئي ڏينهن تي جڏهن هو بيت‌عنياه کان موٽي رهيا هئا تہ عيسيٰ کي
بک لڳي. ١٣ هن پري کان هڪ انجير جو وڻ ڏٺو جيڪو پنن سان ڍڪيل
هو. انهيءَ ڪري هو اُن وڻ ۾ انجير ڳولڻ ويو تہ شايد ڪجهہ ملي سگهي، پر
هو اچي ڏسي تہ وڻ ۾ رڳو پن ئي پن آهن. ڇاڪاڻ تہ انجيرن جي مند نہ هئي.
١٤ تنهن تي عيسيٰ انجير جي وڻ کي چيو تہ ”اڄ کان پوءِ وري ڪڏهن بہ
ڪو تو مان انجير نہ لهندو.“ سندس شاگردن اهو ٻڌي ورتو.

عيسيٰ جو هيڪل ۾ وڃڻ

(متي ٢١:١٢-١٧، لوقا ١٩:٤٥-٤٨، يوحنا ٢:١٣-٢٢)

(١٥) جڏهن اُهي يروشلم ۾ پهتا تہ عيسيٰ هيڪل ۾ ويو ۽ اُتي جيڪي
واپار ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾ رُڌل هئا، تن کي اتان ڌڪي ڪڍڻ لڳو ۽ صرافن جا صندل
۽ ڪبوتر وڪڻڻ وارن جون صندليون اونڌيون ڪري ڇڏيائين، (١٦) ۽ ڪنهن
کي بہ هيڪل مان سامان کڻي وڃڻ نہ ڏنائين. (١٧) پوءِ عيسيٰ ماڻهن کي تعليم
ڏني تہ ”ڇا اهو لکيل نہ آهي تہ ’منهنجو گهر سڀني قومن لاءِ عبادت جو گهر
سڏبو.‘ پر اوهان ان کي ڌاڙيلن جي پاڙاري بڻايو آهي.“
(١٨) سردار ڪاهنن ۽ شريعت جي عالمن جڏهن اهو ٻڌو تڏهن هو موقعي
جي تاڙ ۾ هئا تہ ڪنهن بہ طرح عيسيٰ کي ماري ڇڏين. اهي عيسيٰ کان
ڊڄن بہ پيا ڇاڪاڻ تہ سڄي خلق هن جي تعليم تي حيران هئي. (١٩) جڏهن
شام ٿي تہ عيسيٰ ۽ سندس شاگرد شهر مان نڪري هليا ويا.

انجير جي وڻ مان سبق

(متي ٢١:٢٠-٢٢)

(٢٠) ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جيئن هو رستو وٺيو پئي ويا تہ انهن اُهو
انجير جو وڻ ڏٺو، جيڪو چوٽيءَ کان وٺي پاڙ تائين سڪي ويو هو. (٢١) تنهن
تي پطرس کي اُها ڳالهہ ياد پئي ۽ عيسيٰ کي چيائين تہ ”اي سائين! جنهن
انجير جي وڻ کي تو پاراتو ڏنو هو، سو سڪي ويو آهي.“ (٢٢) عيسيٰ انهن
کي چيو تہ ”خدا تي ايمان آڻيو. (٢٣) آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ جيڪڏهن
ڪنهن جي دل ۾ شڪ نہ آهي ۽ يقين اٿس تہ ’جيئن آءٌ چوان ٿو ائين ٿيندو،‘
تہ پوءِ جيڪڏهن هو هن جبل کي بہ چوندو تہ ’پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃي
سمنڊ ۾ ڪر‘ تہ اهو بہ وڃي سمنڊ ۾ ڪرندو. (٢٤) تنهنڪري آءٌ اوهان کي
ٻڌايان ٿو تہ جڏهن اوهين دعا گهرو ٿا ۽ جنهن شيءِ لاءِ گهرو ٿا، تہ يقين
ڪريو تہ اها اوهان کي ملي ويئي آهي ۽ اوهان کي اُهو ئي ملندو جيڪو اوهين
دعا ۾ گهرندا. (٢٥) جڏهن بہ اوهين دعا گهرڻ لاءِ بيهو، تڏهن جيڪڏهن
اوهان جو ڪنهن تي رنج آهي تہ اُن کي معاف ڪري ڇڏيو تہ اوهان جو ٻيءُ

١١:١٧ يس ٥٦:٧، ير ٧:١١ ١١:٢٣ مت ١٧:٢٠، ١.ڪر ١٣:٢
١١:٢٥-٢٦ مت ٦:١٤-١٥

جيڪو آسمان ۾ آهي سو به اوهان جا ڏوهه اوهان کي بخشي ڇڏي.“[١]

عيسيٰ جي اختياريءَ بابت سوال

(متي ٢١:٢٣-٢٧، لوقا ٢٠:١-٨)

(٢٧) هو وري يروشلم ۾ موٽي آيا. جيئن عيسيٰ هيڪل ۾ گهميو پئي ته
سردار ڪاهن، شريعت جا عالم ۽ بزرگ وٽس آيا، (٢٨) ۽ پڇيائونس ته ”تون
ڪهڙي اختياريءَ سان هي ڪم ڪرين ٿو؟ تو کي هن ڪم جي اختياري
ڪنهن ڏني آهي؟“ (٢٩) تنهن تي عيسيٰ انهن کي جواب ڏنو ته ”آءٌ به اوهان
کان هڪ سوال ٿو پڇان ۽ جيڪڏهن اوهان مون کي جواب ڏنو ته آءٌ به اوهان
کي ٻڌائيندس ته ڪهڙي اختياريءَ سان آءٌ هي ڪم ڪريان ٿو. (٣٠) مون کي
ٻڌايو ته يحيٰ جي ٻپتسما ڪنهن جي طرفان هئي، خدا جي طرفان يا ماڻهن
جي طرفان؟“ (٣١) تنهن تي اُهي پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ته ”ڇا چئون؟“
جيڪڏهن جواب ۾ ’خدا جي طرفان‘ چون پيا ته عيسيٰ چوين ها ’ته پوءِ
اوهان يحيٰ تي ڇو ڪين ايمان آندو؟‘ (٣٢) پر جيڪڏهن ’ماڻهن جي طرفان‘
چون پيا ته ماڻهن کان ڪين ڊپ ٿي ٿيو، ڇوته ماڻهو يحيٰ کي سچو نبي
ڪري مڃين پيا. (٣٣) تنهنڪري انهن عيسيٰ کي جواب ڏنو ته ”اسان کي
خبر نه آهي.“ تنهن تي عيسيٰ انهن کي چيو ته ”آءٌ به نه ٻڌائيندس ته ڪهڙي
اختياريءَ سان آءٌ هي ڪم ڪريان ٿو.“

انگورن جي باغ جي باغائين جو مثال

(متي ٢١:٣٣-٤٦، لوقا ٢٠:٩-١٩)

١٢ (١) پوءِ عيسيٰ انهن سان مثالن ۾ ڳالهائڻ لڳو ۽ چيائين ته ”ڪنهن
ماڻهوءَ هڪ انگورن جو باغ لڳايو. انهيءَ جي چوڌاري لوڙهو
ڏنائين. رس پيڙي ڪيڻ لاءِ هڪ حوض ٺهرايائين ۽ پهري لاءِ هڪڙو ٺُلهه
به ٺهرايائين. پوءِ اهو باغ باغائين کي ٺيڪي تي ڏيئي پاڻ ڪنهن ٻئي ملڪ
ڏانهن هليو ويو. (٢) جڏهن ڊاک لهڻ جي مند آئي ته باغائين ڏانهن هڪڙو
نوڪر موڪليائين ته ڊاک جو ڀاڱو وٺي اچي. (٣) باغائين انهيءَ نوڪر کي
مار ڏيئي خالي هٿين روانو ڪري ڇڏيو. (٤) تنهن تي هن انهن ڏانهن وري

[١] ڪن ترجمن ۾ هيءَ آيت به شامل آهي: (٢٦) جيڪڏهن اوهين ٻين کي معاف نه ڪندا، ته
اوهان جو پيءُ جيڪو آسمان ۾ آهي سو به اوهان جا ڏوهه معاف نه ڪندو.

<u>١:١٢</u> يس ٥:١-٢

ٻيو نوڪر موڪليو. باغائين ان نوڪر جو بہ مٿو ڦاڙي وڌو ۽ جنيون ڪري
موڪلي ڇڏيائونس. ⑤ مالڪ وري ٽيون نوڪر موڪليو تہ انهن هن کي
ماري وڌو، پر انهن ٻين ڪيترن سان بہ اهڙيون هلتون ڪيون، ڪن کي مار
ڏنائون تہ ڪن کي اقت ماري وڌائون. ⑥ باقي وٽس سڪيلڊو پٽ بچيو
هوس. تنهن کي سڀني کان پوءِ باغائين ڏانهن موڪليائين، جو پڪ هيس تہ
هو انهيءَ جي عزت ڪندا. ⑦ پر انهن باغائين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ”هي
مالڪ جو وارث آهي، اچو تہ هن کي ماري ڇڏيون تہ پوءِ ملڪيت ئي اسان
جي ٿي پوندي.“ ⑧ پوءِ انهن هن کي پڪڙي ماري وڌو ۽ سندس لاش کي
باغ جي ٻاهران اڇلائي ڇڏيائون.“

⑨ تنهن تي عيسيٰ پڇين تہ ”پوءِ انگورن جي باغ جو مالڪ ڇا ڪندو؟
هو پاڻ ايندو ۽ اچي هنن کي ناس ڪندو ۽ انگورن جو باغ ٻين باغائين جي
حوالي ڪندو. ⑩ ڇا اوهان پاڪ لکت ۾ نہ پڙهيو آهي؟

‘جنهن پٿر کي رازن رد ڪري ڇڏيو،
سو ئي پيڙهہ جو پٿر ٿيو.
⑪ اهو خدا جي طرفان ڪيو ويو،
۽ اها اسان لاءِ ڪهڙي نہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي.’“

⑫ يهودين جي اڳواڻن عيسيٰ کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،
ڇاڪاڻ جو اهي ڄاڻن پيا تہ هي مثال عيسيٰ انهن جي خلاف ٻڌايو هو. پر
انهن کي ماڻهن کان ڊپ بہ ٿيو پئي، تنهنڪري هو کيس ڇڏي هليا ويا.

محصول ڏيڻ بابت سوال

(متي ٢٢:١٥-٢٢، لوقا ٢٠:٢٠-٢٦)

⑬ ڪي فريسي ۽ ڪي هيروديس جي پارٽيءَ جا ماڻهو عيسيٰ ڏانهن
موڪليا ويا تہ کيس ڳالهائڻ ۾ ڦاسائين. ⑭ اُهي هن وٽ آيا ۽ چيائونس تہ
”اي استاد! اسان کي خبر آهي تہ اوهين سچا آهيو ۽ ڪنهن جي پرواهہ ڪانہ ٿا
ڪريو ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ظاهري ڏيک ويک تي ڌيان نہ ٿا ڏيو، پر سچائيءَ
سان خدا جو رستو ٿا ڏيکاريو. اسان کي ٻڌايو تہ قيصر کي محصول ڏيڻ
اسان لاءِ جائز آهي يا نہ؟ اسين اُن کي محصول ڏيون يا نہ؟“ ⑮ عيسيٰ انهن
جي چالاڪيءَ کي سمجهي ويو ۽ کين چيائين تہ ”اوهين مون کي ڦاسائڻ
جي ڪوشش ڇو ٿا ڪريو؟“ پوءِ چيائين تہ ”هڪڙو چانديءَ جو سڪو کڻي

اچو ته آءٌ اُن کي ڏسان.“ (١٦) اهي وٽس کٽي آيا ۽ عيسيٰ پڇين ته ”هيءَ ڪنهن
جي مُهر ۽ اکر آهن؟“ انهن جواب ڏنو ته ”قيصر جا.“ (١٧) تڏهن عيسيٰ کين
چيو ته ”چڱو، جيڪي قيصر جو آهي سو قيصر کي ڏيو ۽ جيڪي خدا جو
آهي سو خدا کي ڏيو.“ اهو ٻڌي انهن کي عيسيٰ تي ڏاڍو عجب لڳو.

مرڻ کان پوءِ جيئري ٿيڻ بابت سوال

(متي ٢٢: ٢٣–٣٣، لوقا ٢٠: ٢٧–٤٠)

(١٨) پوءِ ڪي صدوقي جن جو عقيدو آهي ته موت کان پوءِ ماڻهو وري
جيئرا نه ٿيندا سي عيسيٰ وٽ آيا، (١٩) ۽ چيائونس ته ”اي استاد! اسان جي لاءِ
موسيٰ فرمايو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو زال ڇڏي ريءَاولاد مري وڃي ته
هن جو ڀاءُ اُها رنڙال پرڻجي، ته جيئن سندس ڀاءُ لاءِ اولاد ٿئي. (٢٠) ڪي
ست ڀائر هئا، پهرين شادي ڪئي ۽ ريءَاولاد مري ويو. (٢١) تڏهن ٻئي ان
جي رنڙال سان شادي ڪئي ۽ اهو به ريءَاولاد مري ويو ۽ ٽئين به ساڳيءَ
طرح اُن سان شادي ڪئي. (٢٢) اهڙيءَ طرح ستئي ريءَاولاد مري ويا ۽
آخرڪار اُها عورت به مري ويئي. (٢٣) هاڻي ٻڌايو ته جڏهن قيامت ٿيندي ۽
سڀئي جيئرا ٿي اٿندا ته اُها عورت ڪنهن جي زال ٿيندي، ڇالاءِجو ستن
ئي هن سان شادي ڪئي هئي؟“
(٢٤) عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اوهين ڪيترا نه ڀليل آهيو، جو نه اوهين
پاڪ لکتون ٿا ڄاڻو ۽ نڪي خدا جي قدرت. (٢٥) ڇالاءِجو جڏهن مري ويل
جيئرا ٿيندا تڏهن اُهي نه پرڻبا ۽ نڪي پرڻائبا، بلڪ جيئن آسمان ۾ ملائڪ
آهن تيئن اهي به هوندا. (٢٦) مري ويلن جي جيئري ٿي اٿڻ بابت اوهان موسيٰ
جي صحيفي ۾ ٻوڙي واري بيان ۾ ڪين پڙهيو آهي ڇا ته ڪيئن خدا موسيٰ
سان ڳالهايو ۽ چيائينس ته ’آءٌ ابراهيم جو خدا، اسحاق جو خدا ۽ يعقوب
جو خدا آهيان؟‘ (٢٧) ان جو مطلب آهي ته هو مئلن جو خدا نه پر جيئرن جو
خدا آهي، پر اوهين سخت ڀليل آهيو.“

سڀني کان وڏو حڪم

(متي ٢٢: ٣٤–٤٠، لوقا ١٠: ٢٥–٢٨)

(٢٨) شريعت جو هڪڙو عالم آيو ۽ هنن کي بحث ڪندو ڏٺائين ۽ خبر

١٢: ١٨ رس ٢٣: ٨ ١٢: ١٩ شر ٢٥: ٥ ١٢: ٢٦ خر ٣: ٦
١٢: ٢٨–٣٤ لو ١٠: ٢٥–٢٨

پيس ته عيسيٰ صدوقين کي سنو جواب ڏنو آهي. تڏهن عيسيٰ کان پڇيائين ته
”سڀني حڪمن کان وڏو حڪم ڪهڙو آهي؟“ ٢٩ تنهن تي عيسيٰ ورائيو ته
”پهريون وڏو حڪم هي آهي ته ’اي بني اسرائيل! ٻڌو، خداوند اسان جو خدا
هڪڙو ئي خداوند آهي. ٣٠ تون خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي سڄيءَ
دل، پنهنجي سڄي جان، پنهنجي سمجهه ۽ پنهنجي سڄيءَ طاقت سان پيار
ڪر.‘ ٣١ ٻيو حڪم هي آهي ته ’تون پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو پيار
ڪر.‘ انهن ٻن حڪمن کان وڌيڪ ٻيو ڪو به حڪم ڪونهي.“
٣٢ تنهن تي شريعت جي عالم عيسيٰ کي چيو ته ”استاد، واهه جي
ڳالهه ڪئي اٿوَ بيشڪ خدا هڪڙو ئي آهي ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به
ڪونهي. ٣٣ ضروري آهي ته انسان انهيءَ کي ئي ساريءَ دل، سڄي سمجهه
۽ سڄيءَ طاقت سان پيار ڪري ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان به پاڻ جهڙو پيار
ڪري. اهو جانورن جي قرباني ڪرڻ يا قربان گاهه تي خدا جي خدمت ۾
ٻيون شيون نذر ڪرڻ کان به وڌيڪ سٺو آهي.“
٣٤ عيسيٰ ڏٺو ته هن سياڻپ جو جواب ڏنو آهي. تنهنڪري کيس
چيائين ته ”تون خدا جي بادشاهت کان پري نه آهين.“ هن کان پوءِ ڪنهن
کي به همت نه ٿي ته عيسيٰ کان وڌيڪ ڪي سوال پڇي سگهي.

مسيح بابت سوال

(متي ٢٢: ٤١–٤٦، لوقا ٢٠: ٤١–٤٤)

٣٥ جڏهن عيسيٰ هيڪل ۾ پئي تعليم ڏني ته هن هڪ سوال ڪيو ته
”شريعت جا عالم ڪيئن ٿا چون ته ’مسيح دائود جو اولاد آهي؟‘ ٣٦ دائود
ته پاڻ پاڪ روح جي هدايت تي چيو هو ته:

’خداوند منهنجي خداوند کي چيو ته:
تون منهنجي ساڄي پاسي ويهه،
جيستائين آءٌ تنهنجن دشمنن کي
تنهنجي پيرن هيٺان نه ڪريان.‘

٣٧ جيڪڏهن دائود پاڻ هن کي ’خداوند‘ ڪري ٿو سڏي، ته ڪيئن
مسيح هن جو اولاد ٿي سگهي ٿو؟“ سڄيءَ خلق عيسيٰ کي خوشيءَ سان ٻڌو.

١٢: ٢٩–٣٠ شر ٦: ٤–٥ ١٢: ٣١ لاو ١٩: ١٨ ١٢: ٣٢ شر ٤: ٣٥
١٢: ٣٣ هوس ٦: ٦ ١٢: ٣٦ زب ١١٠: ١

شريعت جي عالمن خلاف چتاءُ

(متي ٢٣:١-٣٦، لوقا ٢٠:٤٥-٤٧)

٣٨ جڏهن هن انهن کي تعليم پئي ڏني تہ چيائين تہ ”شريعت جي
عالمن کان هوشيار ٿجو، جيڪي ڊگها جبا پائي گهمڻ پسند ڪن ٿا، اُهي
چاهين ٿا تہ بازار ۾ ماڻهو کين سلامي ڏين. ٣٩ جيڪي عبادتخانن ۾ خاص
جايون ۽ مجلسن ۾ مٿانهيون جايون ٿا والارين. ٤٠ اهي رنزالن جا گهر ڦُري
ٿا ڇڏين ۽ ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ ڊگهيون ڊگهيون نمازون پڙهن ٿا. انهن کي
تہ ٻين کان بہ وڌيڪ سزا ملندي.“

رنزال جو چندو ڏيڻ

(لوقا ٢١:١-٤)

٤١ عيسيٰ هيڪل جي چندي جي پيٽيءَ جي پرسان ويهي رهيو ۽ ڏٺائين
تہ ڪي ماڻهو اُن پيٽيءَ ۾ پيسا وجهن پيا ۽ جيڪي دولتمند هئا سي گهڻا پيسا
وجهي رهيا هئا. ٤٢ ايتري ۾ هڪ غريب رنزال آئي جنهن ٻہ ننڍڙا سڪا
اچي پيٽيءَ ۾ وڌا. ٤٣ تڏهن عيسيٰ پنهنجن شاگردن کي پاڻ وٽ سڏي چيو تہ
”آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ هن غريب رنزال چندي جي پيٽيءَ ۾ سڀني کان
وڌيڪ وڌو آهي. ٤٤ ڇالاءِجو ٻين، جيڪي پنهنجي گهرج کان وڌيڪ هون
تنهن مان پيٽيءَ ۾ وڌو آهي، پر هن رنزال پنهنجي غربت مان بہ جيڪو هٽ ۾
هوس سو سڀ وڌائين، يعني تہ پنهنجي سموري ڪمائي ڏنائين.“

هيڪل جي برباديءَ بابت اڳڪٿي

(متي ٢٤:١-٢، لوقا ٢١:٥-٦)

١٣

١ عيسيٰ جڏهن هيڪل مان ٻاهر نڪتو پئي تہ سندس شاگردن
مان هڪڙي چيس تہ ”اي استاد! ڏسو تہ ڪهڙا نہ سهڻا پٿر
۽ عمارتون آهن!“ ٢ تنهن تي عيسيٰ چيس تہ ”تون جيڪي هي وڏيون
عمارتون ڏسين ٿو، تن جو اهو پٿر پٿر تي نہ رهندو جو ڊاٺو نہ ويندو.“

تڪليفون ۽ تباهيون

(متي ٢٤:٣-١٤، لوقا ٢١:٧-١٩)

٣ پوءِ عيسيٰ جڏهن زيتون جي ٽڪر تي هيڪل جي سامهون ويٺو
هو تڏهن پطرس، يعقوب، يوحنا ۽ اندرياس هن سان نويڪلائيءَ ۾ اچي

مليا. ④ انهن پڇيو ته ”اسان کي ٻڌايو ته اهي ڳالهيون ڪڏهن ٿينديون
۽ هنن واقعن ٿيڻ لاءِ ڪهڙي نشاني ٿيندي، جنهن مان خبر پوي ته برابر
وقت اچي پهتو آهي؟“
⑤ تنهن تي عيسيٰ انهن کي چوڻ لڳو ته ”خبردار ٿجو، متان ڪو
اوهان کي ٺڳي نه وڃي. ⑥ ڪيترائي منهنجي نالي سان ايندا ۽ چوندا ته
’اسين مسيح آهيون‘ ۽ ڪيترن کي ٺڳي ٺڳيندا. ⑦ جڏهن اوهين جنگين جون
ڳالهيون ۽ جنگين جا افواهه ٻڌو تڏهن نه گهٻرائجو. اهي ڳالهيون ٿينديون
ضرور پر اجا اها پڇاڙي نه آهي. ⑧ قوم، قوم سان وڙهندي ۽ بادشاهت،
بادشاهت تي چڙهائي ڪندي. ڪيترن ئي هنڌن تي زلزلا ايندا ۽ ڏڪار پوندا.
اهي ڳالهيون ته مصيبتن جي شروعات آهن.
⑨ اوهان کي پنهنجي هوشياري ڪرڻ کپي، ڇالاءِجو اوهان کي گرفتار
ڪري ڪورٽن جي حوالي ڪيو ويندو ۽ اوهان کي عبادتخانن ۾ مار ڪُٽ
ڪئي ويندي. منهنجي ڪري اوهان کي حاڪمن ۽ بادشاهن جي اڳيان
پيش ڪيو ويندو. اها پل ته انهن تي شاهدي ٿئي. ⑩ سڀني قومن ۾ پهريائين
منهنجي خوشخبريءَ جي تبليغ ضرور ڪئي ويندي. ⑪ جڏهن هو اوهان کي
گرفتار ڪن ۽ اوهان کي ڪورٽن جي حوالي ڪن ته وقت کان اڳي ڳڻتي
نه ڪجو ته اوهان کي ڇا چوڻو آهي. وقت اچڻ تي اوهان کي سيڪجهه
ٻڌايو ويندو. ڇالاءِجو جيڪي لفظ اوهين ڳالهائيندا اُهي اوهان جا نه پر
پاڪ روح جا هوندا. ⑫ ڀاءُ ڀاءُ کي مارائڻ لاءِ گرفتار ڪرائيندو ۽ پيءُ پنهنجي
ٻار کي مارائڻ لاءِ گرفتار ڪرائيندو. ٻار پنهنجي پيءُ ماءُ کان ڦري ويندا ۽
انهن کي مارائڻ لاءِ گرفتار ڪرائيندا. ⑬ منهنجي نالي جي ڪري هرڪو
اوهان کان نفرت ڪندو. پر جيڪو اوهان مان توڙ تائين نڀائيندو سو ئي
ڇوٽڪارو حاصل ڪندو.“

دهشتناڪ وقت

(متي ۲۴:۱۵-۲۸، لوقا ۲۱:۲۰-۲۴)

⑭ ”جڏهن اوهين خوفناڪ ۽ نفرت جهڙي شيءِ کي اُتي بيٺل ڏسو
جتي اُن شيءِ کي بيهڻ نه گهرجي، (جيڪو انهيءَ بابت پڙهي سو ضرور
ان تي غور ڪري،) ”تڏهن جيڪي يهوديه ۾ هجن سي جبلن ڏانهن ڀڄي

۱۳:۹-۱۱ مت ۱۰:۱۷-۲۰، لو ۱۲:۱۱-۱۲ ۱۳:۱۲ مت ۱۰:۲۲
۱۳:۱۴ دان ۹:۲۷، ۱۱:۳۱، ۱۲:۱۱

وڃن. (١٥) جيڪو ماڻهو ڪوٺي جي ڇت تي هجي سو پنهنجو سامان ڪڍڻ
لاءِ گهر ۾ هيٺ نه لهي، (١٦) ۽ جيڪو ماڻهو ٻنيءَ ۾ هجي سو گهر ڏانهن
ڪپڙو ڪڍڻ لاءِ نه موٽي. (١٧) انهن ڏينهن ۾ جيڪي پيٽ سان هونديون، يا
جن کي ننڍڙا ٻار ٿڃ تي هوندا، تن لاءِ ڪيڏي نه مصيبت ٿيندي. (١٨) خدا
کان دعا گهرو ته شل اهي ڳالهيون سياري ۾ نه ٿين. (١٩) جيڪا مصيبت
انهن ڏينهن ۾ ايندي سا اهڙي ته خراب هوندي جو خدا جي دنيا پيدا ڪرڻ
کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اهڙي مصيبت نه ڪا آئي آهي ۽ نه وري ڪڏهن
ايندي. (٢٠) جيڪڏهن خداوند انهن ڏينهن جو مدو نه گهٽائي ها، ته جيڪر
ڪوبه نه بچي سگهي ها. پر پنهنجن چونڊيلن جي ڪري انهن ڏينهن جو
مدو گهٽائي ڇڏيائين.

(٢١) پوءِ جيڪڏهن ڪو اوهان کي چوي ته 'اِجهو، هيڏانهن مسيح
آهي' يا چوي ته 'ڏسو، هوڏانهن مسيح آهي' ته ان تي يقين نه ڪجو.
(٢٢) ڇالاءِجو ڪوڙا مسيح ۽ ڪوڙا نبي ظاهر ٿيندا. اهي نشانيون ڏيکاريندا ۽
حيرت جهڙا ڪم ڪندا، انهيءَ مقصد لاءِ ته جيڪڏهن ڪائن تي سگهي
ته خدا جي چونڊيلن کي به گمراهه ڪن. (٢٣) هوشيار ٿجو، آءٌ اوهان کي هر
ڳالهه وقت کان اڳي ئي ٿو ٻڌايان."

ابن آدم جو اچڻ

(متي ٢٤:٢٩-٣١، لوقا ٢١:٢٥-٢٨)

(٢٤) "انهن ڏينهن ۾ مٿين مصيبتن کان پوءِ سج ڪاراٽجي ويندو ۽ چنڊ
پنهنجي روشني نه ڏيندو. (٢٥) تارا آسمان مان ڪرندا ۽ آسماني طاقتون لُڏي
وينديون. (٢٦) پوءِ ابن آدم ڪڪرن ۾ وڏيءَ قدرت ۽ جلوي سان ايندي ظاهر
ٿيندو. (٢٧) پوءِ هو ملائڪن کي زمين جي چئني ڪنڊن ڏانهن موڪليندو،
ته جيئن هو خدا جي چونڊيل ماڻهن کي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين
گڏ ڪن."

١٣:١٥-١٦ لو ١٧:٣١ ١٣:١٩ دان ١٢:١، مڪا ٧:١٤
١٣:٢٤ يس ١٣:١٠، حز ٣٢:٧، يوا ٢:١٠،٣١، ٣:١٥، مڪا ٦:١٢
١٣:٢٥ يس ٣٤:٤، يوا ٢:١٠، مڪا ٦:١٣ ١٣:٢٦ دان ٧:١٣،
مڪا ١:٧

انجير جي وڻ مان سبق

(متي ٢٤:٣٢-٣٥، لوقا ٢١:٢٩-٣٣)

(٢٨) ”اوهين انجير جي وڻ مان سبق پرايو. جڏهن هن جون ٽاريون سايون
۽ نرم ٿين ٿيون ۽ انهن ۾ پن اچڻ شروع ٿين ٿا، تڏهن اوهين سمجهو ٿا ته
اونهارو آيو ڪي آيو. (٢٩) ساڳيءَ طرح اوهين جڏهن هي ڳالهيون ٿينديون ڏسو،
تڏهن ڄاڻجو ته اهو وقت اچي ويو آهي بلڪ ائين سمجهو ته در تي اچي
بيٺو آهي. (٣٠) پر آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان ته جيستائين هي سڀئي ڳالهيون
پوريون نه ٿينديون تيستائين هيءَ پيڙهي ختم نه ٿيندي. (٣١) آسمان ۽ زمين ٽري
ويندا پر منهنجو ڪلام ڪڏهن به نه ٽرندو.“

سجاڳ رهو

(متي ٢٤:٣٦-٤٤)

(٣٢) ”ڪوبه نه ٿو ڄاڻي ته اهو ڏينهن ۽ اهو وقت ڪڏهن ايندو، نه
آسمان جي ملائڪن کي ۽ نه فرزند کي خبر آهي، رڳو پيءُ کي ئي خبر آهي.
(٣٣) هوشيار ٿجو ۽ سجاڳ رهجو، ڇالاءِ جو اوهان کي خبر نه آهي ته اهو وقت
ڪڏهن ايندو. (٣٤) اهو انهيءَ ماڻهوءَ وانگر آهي جيڪو پرديس تي ويو هجي ۽
گهر مان نڪرڻ مهل پنهنجن نوڪرن کي اختياري ڏيئي هرهڪ کي پنهنجو
پنهنجو ڪم سونپي ويو هجي، بلڪ دربان کي به حڪم ڏيئي ويو هجي
ته سجاڳ رهجانءِ. (٣٥) تنهنڪري اوهين به سجاڳ رهجو، ڇالاءِ جو اوهان
کي خبر نه آهي ته گهر جو مالڪ ڪڏهن ايندو، الائجي سانجهيءَ جو يا اڌ
رات جو يا ڪڪڙ جي ٻانگ ڏيڻ مهل يا صبح جو اچي. (٣٦) ائين نه ٿئي ته
متان هو اوچتو اچي ۽ اوهان کي ستل ڏسي. (٣٧) جيڪي آءٌ اوهان کي چوان
ٿو سو سڀني لاءِ چوان ٿو ته سجاڳ رهجو.“

عيسيٰ خلاف سازش

(متي ٢٦:١-٥، لوقا ٢٢:١-٢، يوحنا ١١:٤٥-٥٣)

١٤ (١) فصح ۽ فطيري مانيءَ جي عيد ٻن ڏينهن کان پوءِ اچڻي
هئي. سردار ڪاهن ۽ شريعت جي عالمن وجهه پئي ڳوليو
ته ڪهڙيءَ طرح عيسيٰ کي فريب سان ڦاسائي ختم ڪرايون. (٢) پر

٢٢:١٣ مت ٢٤:٣٦ ٢٤:١٣ لو ١٢:٣٦-٣٨ ١:١٤ خر ١٢:١-٢٧

چيائون تہ ”عيد جي ڏينھن ائين نہ ڪريون، متان ماڻھن ۾ وڳوڙ پئجي
وڃي.“

عيسيٰ جي بيت‌عنياه ۾ مھمانداري

(متي ٢٦:٦-١٣، يوحنا ١٢:١-٨)

(٣) عيسيٰ جڏھن بيت‌عنياه ۾ ڪوڙھہ جھڙي مرض واري شمعون
جي گھر ماني کاڌي پئي، تہ ھڪڙي عورت سنگمرمر جي عطردانيءَ
۾ خالص جٽاماسيءَ جو قيمتي عطر کڻي آئي ۽ ھن اُھا عطرداني ڀڃي
اھو عيسيٰ جي مٿي تي ھاريو تہ (٤) ڪي پنھنجي دل ۾ ڪاوڙيا ۽
چيائون تہ ”ھن عطر جي زيان ڪرڻ مان ڪھڙو فائدو؟ (٥) اھو ٽن
سَوَن [١]چانديءَ جي سڪن کان بہ وڌيڪ قيمت ۾ وڪڻي غريبن ۾
ورھائجي ھا.“ اُھي انھيءَ عورت کي سختيءَ سان ننڊڻ لڳا. (٦) تنھن
تي عيسيٰ کين چيو تہ ”ھن کي ڇو ٿا ستايو؟ ھن کي ڇڏي ڏيو. ھن
منھنجي لاءِ تمام سٺو ڪم ڪيو آھي. (٧) غريب تہ اوھان وٽ ھميشہ
آھن، سو جڏھن بہ اوھان جي مرضي ٿئي تڏھن انھن سان نيڪي ڪري
سگھو ٿا، پر آءٌ اوھان سان ھميشہ نہ ھوندس. (٨) ھن عورت کان جو
ڪجھہ ٿي سگھيو سو ھن ڪيو. ھن منھنجي جسم تي دفن ٿيڻ کان
اڳ ۾ خوشبوءِ ڇڙڪائي آھي. (٩) آءٌ اوھان کي سچ ٿو چوان تہ جتي
منھنجي خوشخبريءَ جي سڄيءَ دنيا ۾ تبليغ ڪئي ويندي، اُتي ھن عورت
جي يادگيريءَ ۾، جيڪو ڪم ھن ڪيو آھي اُن جو بہ ذڪر ضرور
ڪيو ويندو.“

يھوداہ جي عيسيٰ خلاف سازش

(متي ٢٦:١٤-١٦، لوقا ٢٢:٣-٦)

(١٠) پوءِ ٻارھن شاگردن مان يھوداہ اسڪريوتي سردار ڪاھنن وٽ ويو،
انھيءَ لاءِ تہ ھو عيسيٰ کي انھن جي حوالي ڪري. (١١) يھوداہ جي ھن ڳالھہ
تي اُھي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ھن کي پيسن ڏيڻ جو انجام ڪيائون. پوءِ تہ ھو
موقعي جي تاڙ ۾ ھو تہ ڪھڙيءَ طرح عيسيٰ کي انھن جي حوالي ڪري.

---

[١] چانديءَ جي سڪن: ڏسو مرقس ٦:٣٧.

١٤:٣ لو ٧:٣٧-٣٨   ١٤:٧ شر ١٥:١١

عيسيٰ جو شاگردن سان گڏ فصح کائڻ

(متي ٢٦:١٧-٣٠، لوقا ٢٢:٧-٢٠، ٢١-٢٣، يوحنا ١٣:٢١-٣٠، ١-ڪرنٿين ١١:٢٣-٢٥)

(١٢) فطيري عيد جي پهرين ڏينهن تي جڏهن هنن فصح جي قربانيءَ جي
لاءِ گهيٽا ڪُٺا پئي تڏهن شاگردن عيسيٰ کان پڇيو ته ”اوهان جي ڪهڙي
مرضي آهي ته اسين اوهان جي فصح کائڻ جي ڪٿي تياري ڪريون؟“
(١٣) تنهن تي عيسيٰ پنهنجن شاگردن مان ٻن کي موڪليو ۽ چيائين ته ”شهر
۾ وڃو، اتي اوهين هڪڙو ماڻهو ڏسندا، جنهن کي پاڻيءَ جو دلو کنيل هوندو.
اوهين انهيءَ جي پٺيان وڃجو، (١٤) ۽ جنهن گهر ۾ اهو ماڻهو گهڙي وڃي انهيءَ
گهر جي مالڪ کي چئجو ته ’استاد چوي ٿو ته منهنجو مهمان‌خانو ڪٿي
آهي؟ جتي آءٌ پنهنجن شاگردن سان گڏجي فصح کاوان؟‘ (١٥) پوءِ هو اوهان
کي ماڙيءَ تي هڪ وڏو سجايل ۽ تيار ڪمرو ڏيکاريندو، جتي اوهين اسان
لاءِ فصح تيار ڪجو.“ (١٦) شاگرد شهر ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ اتي هر شيءِ ائين
ئي ڏٺائون جيئن عيسيٰ کين ٻڌائي هئي ۽ اتي فصح تيار ڪيائون.
(١٧) جڏهن شام ٿي ته عيسيٰ ٻارهن ئي شاگردن سان گڏ اتي آيو. (١٨) پوءِ
جڏهن اهي دسترخوان تي گڏ کائي رهيا هئا ته عيسيٰ چيو ته ”آءٌ اوهان کي
سچ ٿو ٻڌايان ته اوهان مان هڪڙو مون کي جهلائيندو، جيڪو مون سان گڏ
کائي ٿو.“ (١٩) تنهن تي شاگرد ويچارا غمگين ٿيا ۽ عيسيٰ کان هڪ‌ٻئي پٺيان
پڇڻ لڳا ته ”اهو آءٌ ته نه آهيان؟“ (٢٠) عيسيٰ ورائيو ته ”اُهو اوهان ٻارهن مان ئي
آهي، جيڪو مون سان گڏ ٿالهيءَ مان گرهه ٻوڙي رهيو آهي. (٢١) ابن آدم ته ائين
ئي مرندو جيئن صحيفي ۾ لکيل آهي. پر حيف آهي اُن تي جيڪو ابن آدم
کي جهلائيندو. اُن ماڻهوءَ لاءِ اهو بهتر هو ته هو دنيا ۾ اصل ڄمي ئي نه ها.“
(٢٢) جڏهن اهي کائين پيا ته عيسيٰ ماني کڻي شڪر ڪري ڀڳي ۽
شاگردن کي ڏيئي چيائين ته ”وٺو ۽ کائو، هي منهنجو بدن آهي.“ (٢٣) پوءِ
هن پيالو کڻي شڪر ڪري اهو به کين ڏنو ۽ سڀني اُن مان پيتو. (٢٤) تڏهن
عيسيٰ چيو ته ”هي منهنجو رت آهي، جيڪو گهڻن ئي جي لاءِ وهائجي
ٿو، جنهن سان خدا جو عهد لکيل آهي. (٢٥) آءٌ اوهان کي سچ ٻڌايان ٿو ته
آءٌ تيستائين وري هي انگوري رس نه پيئندس، جيستائين خدا جي بادشاهت
۾ نئون انگوري رس نه پيئان.“ (٢٦) پوءِ انهن زبور پڙهيو ۽ زيتون جي ٽڪر
ڏانهن هليا ويا.

١٤:١٨ زب ٤١:٩   ١٤:٢٤ خر ٢٤:٨، ير ٣١:٣١-٣٤

پطرس جي انڪار ڪرڻ بابت اڳڪٿي

(متي ٢٦: ٣١-٣٥، لوقا ٢٢: ٣١-٣٤، يوحنا ١٣: ٣٦-٣٨)

(٢٧) عيسيٰ انهن کي چيو ته ”اوهين سڀئي مون کي ڇڏي ڀڄي ويندا،
ڇاڪاڻ ته لکيل آهي ته ’خدا ريڍار کي ماريندو ۽ رڍون ٽڙي پکڙي وينديون.‘
(٢٨) تنهن هوندي به آءٌ پنهنجي جيئري ٿيڻ کان پوءِ اوهان کان اڳي ئي گليل
ڏانهن ويندس.“ (٢٩) تنهن تي پطرس وراڻيس ته ”توڙي جو ٻيا سڀ اوهان کي
ڇڏي وڃن پر آءٌ اوهان کي ڪڏهن به ڇڏي نه ويندس.“ (٣٠) عيسيٰ پطرس
کي چيو ته ”آءٌ تو کي سچ ٿو ٻڌايان ته اڄ رات ڪڪڙ جي ٻه دفعا ٻانگ
ڏيڻ کان اڳ ۾ تون ٽي دفعا منهنجو انڪار ڪندين.“ (٣١) تڏهن پطرس
ڏاڍي جوش سان وراڻيو ته ”آءٌ ڪڏهن به نه چوندس ته آءٌ اوهان کي نه ٿو
سڃاڻان، توڙي جو مون کي اوهان سان گڏ مرڻو پوي.“ تڏهن ٻين سڀني
به اهڙيءَ طرح اقرار ڪيو.

گتسيمنيءَ ۾ دعا گهرڻ

(متي ٢٦: ٣٦-٤٦، لوقا ٢٢: ٣٩-٤٦)

(٣٢) جڏهن اهي گتسيمني نالي جاءِ تي آيا، تڏهن عيسيٰ پنهنجن شاگردن
کي چيو ته ”اوهين هتي ويهي رهو ته آءٌ دعا گهران.“ (٣٣) پوءِ هن پطرس،
يعقوب ۽ يوحنا کي پاڻ سان ڪنيو، ڪيس دهشت ۽ بيقراري ورني ويئي هئي.
(٣٤) عيسيٰ انهن کي ٻڌايو ته ”مون کي ايترو ته ڏک آهي جو منهنجي دل ٽٽڻ
تي آهي. اوهين هتي ترسو ۽ جاڳندا رهو.“ (٣٥) عيسيٰ ٿورو پريرو وڃي پاڻ کي
زمين تي ڪيرائي دعا گهرڻ لڳو ته ”جيڪڏهن ٿي سگهي ته هيءُ ڏک جي
گهڙي مون تان ٽاري وڃي.“ (٣٦) هن وڌيڪ چيو ته ”اي بابا! اي منهنجا پيءُ!
تون سڀڪجهه ڪري سگهين ٿو. هي پيالو مون تان ٽاري ڇڏ. تنهن هوندي
به منهنجي نه پر تنهنجي مرضي پوري ٿئي.“
(٣٧) پوءِ هو موٽي آيو ۽ ڏٺائين ته شاگرد سمهيا پيا آهن. پطرس کي سڏي
چيائين ته ”شمعون تون به ستل آهين ڇا؟ ڇا تون هڪ ڪلاڪ به جاڳي
نه پيو سگهين؟“ (٣٨) پوءِ انهن کي چيائين ته ”جاڳندا رهو ۽ دعا گهرو ته
شل اوهين ڪنهن آزمائش ۾ نه پئو. سچ پچو ته روح ته گهري ٿو پر جسم
ڪمزور آهي.“

١٤: ٢٧ زڪ ١٣: ٧ ١٤: ٢٨ مت ٢٨: ١٦

٣٩ هو ٻيو دفعو وري پري ويو ۽ ائين ئي دعا گهريائين جيئن اڳ ۾
گهري هئائين. ٤٠ پوءِ هو موٽي آيو ۽ ڏٺائين ته هو وري به ستا پيا آهن، ڇوته
اهي اکيون به نه پيا پٽي سگهن ۽ خبر نه ٿي پين ته کيس ڪهڙو جواب ڏين.
٤١ پر جڏهن هو ٽيون دفعو انهن وٽ موٽي آيو، تڏهن چيائين ته ”ڇا
اوهين اڃا تائين ننڊون ۽ آرام پيا ڪريو؟ بس، اِجهام اُها گهڙي اچي پهتي
آهي ۽ هاڻي ابن آدم گنهگارن جي حوالي ڪيو ويندو. ٤٢ اٿو، هلو ته هلون.
ڏسو! جيڪو مون کي جهلائي رهيو آهي سو ويجهو اچي پهتو آهي.“

عيسيٰ جو جهلجڻ

(متي ٢٦:٤٧-٥٦، لوقا ٢٢:٤٧-٥٣، يوحنا ١٨:٣-١٢)

٤٣ عيسيٰ اڃا ڳالهايو ئي پئي ته ٻارهن شاگردن مان يهوداه نالي شاگرد
آيو ۽ انهيءَ سان گڏ هڪڙي ٽولي ترارن ۽ لٺين سان هئي، جنهن کي سردار
ڪاهنن، شريعت جي عالمن ۽ بزرگن موڪليو هو. ٤٤ هن دغاباز انهن کي
اها نشاني سمجهائي هئي ته ”جنهن ماڻهوءَ کي آءٌ چميان سو عيسيٰ هوندو،
ان کي پڪڙجو ۽ پهري هيٺ وٺي وڃجوس.“
٤٥ هو يڪدم سڌو عيسيٰ وٽ آيو ۽ اچي ”سائين، سائين،“ ڪري
کيس چمي ڏنائين. ٤٦ پوءِ ته هنن عيسيٰ کي ٻڌي قابو ڪيو. ٤٧ پر هڪڙو
شخص جيڪو پرسان بيٺو هو، تنهن پنهنجي ترار ڪڍي وڏي ڪاهن جي
نوڪر کي هنئي ۽ سندس ڪن ڪپي وڌائين. ٤٨ پوءِ عيسيٰ انهن کي چيو ته
”ڇا آءٌ ڪو ڌاڙيل هوس جو اوهين ترارون ۽ لٺيون کڻي مون کي جهلڻ
لاءِ آيا آهيو؟ ٤٩ هيڪل ۾ ته روزانو آءٌ ويهي تعليم ڏيندو هوس پر ان وقت ته
اوهان ڪڏهن به مون کي نه جهليو، پر لکت ضرور پوري ٿيندي.“ ٥٠ پوءِ
سڀئي شاگرد عيسيٰ کي ڇڏي ڀڄي ويا.
٥١ هڪڙو نوجوان جنهن کي رڳو چادر ويڙهيل هئي، سو عيسيٰ جي
پٺيان پئي آيو. انهن ڪوشش ڪئي ته هن کي پڪڙن. ٥٢ پر هو اگهاڙو ٿي
ڪپڙا ڇڏي ڀڄي ويو.

عيسيٰ ڪائونسل جي اڳيان

(متي ٢٦:٥٧-٦٨، لوقا ٢٢:٥٤-٥٥، ٦٣-٧١، يوحنا ١٨:١٣-١٤، ١٩-٢٤)

٥٣ پوءِ اهي عيسيٰ کي وڏي سردار ڪاهن جي گهر وٺي آيا، جتي

١٤:٤٩ لو ١٩:٤٧، ٢١:٣٧

سڀئي سردار ڪاهن، بزرگ ۽ شريعت جا عالم اچي گڏ ٿيا هئا. ⑸⑷ پطرس
ٿورو پٺيان پئي آيو، سو به وڏي سردار ڪاهن جي گهر جي اڱڻ ۾ آيو. اُتي
هو پهريدارن سان گڏ هيٺ ويهي رهيو ۽ باهه جي سيڪ لڳو.
(٥٥) سردار ڪاهنن ۽ سڄي ڪائونسل ڪوشش پئي ڪئي ته عيسيٰ خلاف
ڪا شاهدي ملين ته جيئن کيس موت جي سزا ڏيارين، پر ڪين ڪا به شاهدي
ملي نه سگهي. (٥٦) ڪيترن ئي شاهدن عيسيٰ جي خلاف شاهديون ڏنيون،
پر اهي ڪوڙيون ثابت ٿيون.
(٥٧) پوءِ ڪي ماڻهو اُٿي بيٺا ۽ عيسيٰ تي هيءَ تهمت هنيائون ته (٥٨) ”اسان
هن کي هي چوندي ٻڌو آهي ته ’آءٌ ماڻهن جي ٺهيل هيڪل کي ڊاهيندس
۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ اهڙي هيڪل ٺاهيندس جيڪا ماڻهن جي ٺهيل نه
هوندي.‘“ (٥٩) پر اُهي شاهديون به پاڻ ۾ نه ٿي مليون.
(٦٠) وڏو سردار ڪاهن اُٿي بيٺو ۽ سڀني جي روبرو عيسيٰ کان پڇڻ لڳو ته
”ڇا تو کي هنن جي الزامن جي جواب ۾ ڪجهه چوڻو آهي؟“ (٦١) پر عيسيٰ
ماٺ ۾ رهيو ۽ هڪ لفظ به نه ڪڇيائين. وڏي سردار ڪاهن ڪانئس ٻيهر
پڇيو ته ”ڇا تون مسيح، سڳوري خدا جو فرزند آهين؟“ (٦٢) تنهن تي عيسيٰ
وراڻيو ته ”هائو، آءٌ آهيان ۽ اوهين ابن آدم کي خدا تعاليٰ جي ساڄي پاسي
ويٺل ۽ آسماني ڪڪرن ۾ ايندي ڏسندا.“ (٦٣) تڏهن وري سردار ڪاهن
پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيندي چيو ته ”اسان کي وڌيڪ شاهدي نه کپي. (٦٤) اوهان
هن جا ڪفر وارا لفظ ٻڌا، هاڻي اوهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟“ تنهن تي
انهن سڀني اها راءِ ڏني ته ”عيسيٰ کي موت جي سزا ڏني وڃي.“
(٦٥) انهن مان ڪي عيسيٰ کي ٿڪون هڻڻ لڳا، ڪي سندس اکيون
ٻڌي کيس ٺونشا هڻڻ لڳا ۽ چونس پيا ته ”نبوت سان ٻڌاءِ ته ڪنهن تو کي
ڌڪ هنيو؟“ پهريدارن کيس چماٽون به هنيون.

پطرس جو عيسيٰ بابت انڪار ڪرڻ

(متي ٢٦:٦٩-٧٥، لوقا ٢٢:٥٦-٦٢، يوحنا ١٨:١٥-١٨، ٢٥-٢٧)

(٦٦) پطرس اڃا تائين اڱڻ ۾ ويٺو هو ته هڪ نوڪرياڻي هن وٽان اچي
لنگهي. (٦٧) جڏهن هن پطرس کي پاڻ باهه تي سيڪيندي ڏٺو ته هن ڌيان
سان ڏسندي چيائين ته ”تون به عيسيٰ ناصريءَ سان گڏ هئين.“ (٦٨) پر
هن انڪار ڪيو ۽ چيائين ته ”آءٌ نه ته ڄاڻان ۽ نه ٿو سمجهان ته تون ڇا ٿي

١٤:٥٨ يو ٢:١٩   ١٤:٦٢ دان ٧:١٣   ١٤:٦٤ لاو ٢٤:١٦

رهي آهين.“ هو اهو جواب ڏيئي ٻاهر ڏيڍيءَ ۾ هليو ويو ته ايتري ۾ ڪڪڙ
ٻانگ ڏني. (٦٩) جنهن نوڪرياڻيءَ پطرس کي ڏٺو هو تنهن اُتي بيٺل ماڻهن کي
چيو ته ”هي انهن مان هڪڙو آهي.“ (٧٠) پر هن وري به انڪار ڪيو. ٿوري
وقت کان پوءِ جيڪي اُتي بيٺا هئا تن به پطرس کان پڇيو ته ”سچي! تون
انهن مان نه آهين ڇا؟ ڇوته تون به گليلي پيو ڏسجين.“ (٧١) تنهن تي پطرس
لعنت وجهندي چيو ته ”خدا جي مون تي مار پوي جو آءٌ ڪوڙ ڳالهايان،
آءٌ ان ماڻهو کي نه ٿو سڃاڻان، جنهن جي اوهين ڳالهه ڪريو ٿا.“ (٧٢) تنهن
کان پوءِ سِتت ئي ٻيو دفعو ڪڪڙ ٻانگ ڏني ته پطرس کي عيسيٰ جو چيو
ياد اچي ويو ته ”ڪڪڙ جي ٻه دفعا ٻانگ ڏيڻ کان اڳ ۾ تون ٽي دفعا
مون بابت انڪار ڪندين ته ’آءٌ نه ٿو سڃاڻان.‘“ اهو خيال ايندي ئي هو
اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو.

عيسيٰ پلاطس جي اڳيان

(متي ٢٧:١-٢،١١-١٤، لوقا ٢٣:١-٥، يوحنا ١٨:٢٨-٣٨)

١٥ (١) سردار ڪاهن صبح جو سوير ئي بزرگن، شريعت جي عالمن
۽ سڄي ڪائونسل سان اچي مليا ۽ پنهنجا منصوبا سٽڻ لڳا. اُهي
عيسيٰ کي ٻڌي وٺي ويا ۽ وڃي پلاطس جي حوالي ڪيائونس. (٢) پلاطس
کانئس پڇيو ته ”ڇا تون يهودين جو بادشاهه آهين؟“ عيسيٰ جواب ڏنو ته
”اهو ته اوهين پاڻ ٿا چئو.“ (٣) سردار ڪاهن عيسيٰ تي ڪيترين ئي ڳالهين
جون تهمتون هنيون. (٤) تنهنڪري پلاطس کانئس وري پڇيو ته ”ڇا تون
ڪجهه نه ٿو چوندين؟ ڏس، هنن تو تي ڪيتريون ڳالهيون مڙهيون آهن.“
(٥) وري به عيسيٰ هڪ لفظ به نه ڳالهايو، تنهن تي پلاطس ڏاڍو
حيران ٿي ويو.

عيسيٰ لاءِ موت جي فتويٰ

(متي ٢٧:١٥-٢٦، لوقا ٢٣:١٣-٢٥، يوحنا ١٨:٣٩-١٩:١٦)

(٦) پلاطس هر عيد فصح جي موقعي تي هڪ قيدي آزاد ڪندو هو،
جنهن جي لاءِ رعيت چوندي هيس. (٧) انهن ڏينهن ۾ برابا نالي هڪ ماڻهو
جيل ۾ ٻين باغين سان گڏ هو جن هڪڙي فساد ۾ خون ڪيو هو. (٨) جڏهن
خلق اچي گڏ ٿي ۽ دستور موجب پلاطس کان مروت گهريائون، (٩) تڏهن
هن انهن کان پڇيو ته ”ڇا اوهين چاهيو ٿا ته آءٌ اوهان جي خاطر يهودين
جي بادشاهه کي آزاد ڪريان؟“ (١٠) ڇاڪاڻ ته هن ڄاتو پئي ته سردار ڪاهنن

حسد ڪان عيسيٰ کي قيد ڪري مون وٽ آندو آهي. ⑪ پر سردار ڪاهنن
خلق کي سمجهائي ڇڏيو هو ته هو عيسيٰ جي بدران برابا کي انهن جي
خاطر آزاد ڪري. ⑫ پلاطس وري به ورجائي پڇين ته ”جنهن کي اوهين
يهودين جو بادشاهه ٿا سڏيو، تنهن کي آءٌ ڇا ڪريان؟“ ⑬ تنهن تي انهن
رڙيون ڪري چيو ته ”انهيءَ کي صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻو.“ ⑭ تڏهن
پلاطس پڇين ته ”ڇو، هن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“ پر هنن وٺي وڏيون
رڙيون ڪيون ته ”هن کي صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻو.“
⑮ پلاطس ته ماڻهن کي راضي رکڻ ٿي گهريو، سو هن برابا کي انهن
جي خاطر آزاد ڪري ڇڏيو ۽ عيسيٰ کي ڇهبڪن هڻڻ کان پوءِ ماڻهن جي
حوالي ڪيائين ته ”وڃي صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻوس.“

سپاهين جو عيسيٰ تي چٿرون ڪرڻ

(متي ۲۷:۲۷-۳۱، يوحنا ۱۹:۲-۳)

⑯ سپاهي عيسيٰ کي حاڪم جي محلات جي اڱڻ ۾ وٺي آيا ۽
پنهنجن ٻين همراهن کي سڏيائون. ⑰ انهن عيسيٰ کي واڱڻائي رنگ جا ڪپڙا
ڍڪايا ۽ ڪنڊن جو هڪڙو تاج ٺاهي مٿي تي رکيائونس. ⑱ پوءِ چوڻ لڳس ته
”سلام، اي يهودين جا بادشاهه!“ ⑲ انهن کيس مٿي تي لٺ سان ڌڪ هنيا،
ٿڪون هنيائونس ۽ گوڏن ڀر ويهي سجدو ڪرڻ لڳس. ⑳ جڏهن چٿرون
ڪري چڪا ته واڱڻائي ڪپڙا لهرائي وري ساڳيا پنهنجا ڪپڙا ڍڪايائونس.
پوءِ اُهي کيس ٻاهر وٺي آيا ته صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻنس.

صليب تي عيسيٰ کي ڪوڪا هڻڻ

(متي ۲۷:۳۲-۴۴، لوقا ۲۳:۲۶-۴۳، يوحنا ۱۹:۱۷-۲۷)

㉑ رستي تي اُهي شمعون نالي هڪڙي ماڻهوءَ سان مليا، جيڪو ٻهراڙيءَ
مان شهر ڏانهن اچي رهيو هو. هو ڪرين جو رهاڪو هو ۽ سڪندر ۽ روفس
جو پيءُ هو. تنهن کي هنن زور ڀريو ته هو عيسيٰ جو صليب کڻي هلي.
㉒ پوءِ اُهي عيسيٰ کي گلگتا نالي جاءِ تي وٺي آيا، جنهن جي معنيٰ آهي
”کوپڙيءَ جي جاءِ.“ ㉓ هنن عيسيٰ کي انگوري رس پيارڻ جي ڪوشش
ڪئي جنهن ۾ مُرَ گڏيل هئي، پر هن اُها نه پيتي. ㉔ هنن کيس صليب تي
چاڙهي ڪوڪا هنيا ۽ سندس ڪپڙا پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ ڦُڪا وڌائون ته ڪهڙو

۱۵:۲۱ رو ۱۶:۱۳ ۱۵:۲۴ زب ۲۲:۱۸

تکر کنهن کي ٿو ملي. ۲۵ اهو صبح جو نائين بجي جو وقت هو جڏهن
انهن کيس صليب تي چاڙهي ڪوڪا هنيا. ۲۶ گناهہ جو اهو سبب لکي هن
جي مٿان هنيائون تہ ”يهودين جو بادشاهہ.“ ۲۷ انهن ٻہ ٻيا بہ ماڻهو صليب
تي چاڙهيا جيڪي ڌاڙيل هئا. انهن مان هڪڙو سندس ساڄي ۽ ٻيو سندس
کاٻي پاسي چاڙهيائون.[۱]
۲۹ جيڪي ماڻهو اتان لنگهن پيا، سي پنهنجا ڪنڌ ڌوڻي ٺٺوليون ڪري
عيسيٰ کي چون پيا تہ ”واهہ واهہ! تون تہ ٽن ڏينهن ۾ هيڪل ڊاهين ۽ ٺاهين.
۳۰ هاڻي صليب تان هيٺ تہ لهي ڏيکار ۽ پاڻ کي بچاءِ.“ ۳۱ ساڳيءَ طرح
سردار ڪاهن ۽ شريعت جا عالم عيسيٰ تي چٿرون ڪرڻ لڳا ۽ هڪٻئي کي
چون پيا تہ ”هي تہ ٻين کي پيو ڇڏائي، پر هاڻي تہ پاڻ کي بہ نہ ٿو بچائي
سگهي. ۳۲ هاڻي ڏسون تہ اسرائيل جو بادشاهہ مسيح ڪيئن ٿو صليب کان
هيٺ لهي اچي، تہ اُن تي ايمان آڻيون.“ عيسيٰ سان گڏ جيڪي ماڻهو
صليب تي چاڙهيل هئا، تن بہ مٿس چٿرون ڪيون.

عيسيٰ جو موت

(متي ۲۷:۴۵–۵۶، لوقا ۲۳:۴۴–۴۹، يوحنا ۱۹:۲۸–۳۰)

۳۳ منجهند جو سڄي ملڪ ۾ اونداهہ ڇانئجي ويئي، جيڪا ٽيهريءَ
تائين هلي. ۳۴ ٽيهريءَ مهل عيسيٰ وڏي آواز ۾ رڙيون ڪيون تہ ”الوئي،
الوئي، لما سبختني؟“ جنهن جي معنيٰ آهي تہ ”اي منهنجا خدا! اي منهنجا
خدا! تو مون کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟“ ۳۵ جيڪي ماڻهو اُتي بيٺا هئا تن
مان ڪن هن جا اهي لفظ ٻڌا ۽ چيائون تہ ”ڏسو، هو الياس کي سڏي
رهيو آهي.“ ۳۶ انهن مان هڪڙو ماڻهو ڀڄو ۽ فوم جهڙي هڪ شيءِ کٽي
ڪوڙي انگوري رس سان ڀري ڪاني جي چوٽيءَ تي ٻڌي عيسيٰ کي پيئڻ
لاءِ ڏيندي چيائين تہ ”ڇڏي ڏيوس، ڏسون تہ هن کي الياس صليب تان
هيٺ لاهڻ لاءِ اچي ٿو يا نہ.“
۳۷ وڏيءَ رڙ سان عيسيٰ دم ڏنو.
۳۸ هيڪل جو پردو چوٽيءَ کان وٺي تري تائين ٻن حصن ۾ چيرجي

[۱] ڪن ترجمن ۾ هيءَ آيت بہ شامل آهي: ۲۸ اهڙيءَ طرح لکت سچي ثابت ٿي تہ ”هو گنهگارن ۾ ليکيو ويندو.“

۱۵:۲۸ يس ۵۳:۱۲ ۱۵:۲۹ زب ۲۲:۷، ۱۰۹:۲۵، مر ۱۴:۵۸، يو ۲:۱۹
۱۵:۲۴ زب ۲۲:۱۸ ۱۵:۳۶ زب ۶۹:۲۱ ۱۵:۳۸ خر ۲۶:۳۱–۳۳

ويو. (٣٩) فوجي صوبيدار جيڪو صليب جي اڳيان بيٺو هو تنهن ڏٺو ته ڪيئن
عيسيٰ مري ويو. انهيءَ چيو ته ”سچپچ ته هي ماڻهو خدا جو فرزند هو.“
(٤٠) اُتي ڪي عورتون به هيون، جيڪي پري کان ڏسي رهيون هيون.
انهن ۾ مريم مگدليني، ننڍي يعقوب ۽ يوسف جي ماءُ مريم ۽ سلومي هيون.
(٤١) انهن عيسيٰ جي خدمت ڪئي هئي ۽ سندس پٺيان لڳيون هيون، جڏهن
هو گليل ۾ هو. ٻيون به ڪيتريون ئي عورتون هيون جيڪي هن سان گڏ
يروشلم ۾ آيون هيون.

عيسيٰ جو ڪفن دفن

(متي ٢٧:٥٧–٦١، لوقا ٢٣:٥٠–٥٦، يوحنا ١٩:٣٨–٤٢)

(٤٢) شام ٿي چڪي هئي ۽ اها شام سبت جي ڏينهن کان اڳين
[١]تياريءَ جي ڏينهن جي هئي. (٤٣) تڏهن ارمتيا جو هڪ شخص يوسف آيو
جو ڪائونسل جو هڪ معزز ميمبر هو ۽ پاڻ خدا جي بادشاهت جو ڳولائو
هو. اهو همت ڪري پلاطس جي ڪچهريءَ ۾ ويو ۽ عيسيٰ جي لاش وٺڻ
لاءِ عرض ڪيائين. (٤٤) پلاطس کي حيرت وٺي ويئي ته عيسيٰ ايترو جلد
ڪيئن مري ويو. هن هڪ فوجي صوبيدار کي گهرائي کانئس پڇيو ته
”عيسيٰ کي مئي ڪيترو وقت ٿيو آهي؟“ (٤٥) صوبيدار جي خاطري ڏيارڻ
کان پوءِ پلاطس يوسف کي لاش کڻي وڃڻ جي اجازت ڏني. (٤٦) يوسف
اُچو ڪفن خريد ڪيو، لاش کي لهرائي اُن ۾ ويڙهيائين ۽ قبر ۾ رکيائين،
جيڪا ٽڪر تي کوٽيل هئي. پوءِ هڪڙو وڏو پٿر ريڙهي قبر جي منهن تي
ڏنائين. (٤٧) مريم مگدليني ۽ يوسف جي ماءُ مريم اهو هنڌ ڏٺو جتي ميت
رکيو ويو.

عيسيٰ جو وري جيئرو ٿيڻ

(متي ٢٨:١–٨، لوقا ٢٤:١–١٢؛ يوحنا ٢٠:١–١٠)

١٦
(١) جڏهن سبت جو ڏينهن پورو ٿيو ته مريم مگدليني، يعقوب
جي ماءُ مريم ۽ سلوميءَ ڪٿوري خريد ڪئي ته عيسيٰ جي ميت

[١] تياريءَ جي ڏينهن: هن مان مراد سبت يا ڪنهن عيد جي ڏينهن کان اڳ وارو ڏينهن آهي. ان ڏينهن يهودي کاڌو وغيره تيار ڪندا هئا، ڇوته ٻئي ڏينهن سبت يعني آرام جو يا وڏو ڏينهن هوندو هو.

١٥:٤٠–٤١ لو ٨:٢–٣

ڪي خوشبوءِ هڻن. (٢) آچر جي ڏينهن تي سج اڀرڻ مهل اهي قبر تي آيون.
(٣) اهي پاڻ ۾ چئي رهيون هيون ته ”اسان لاءِ ڪير قبر جي منهن تان پٿر
هٽائيندو؟“ ڇالاءِجو اهو پٿر تمام وڏو هو. (۴) پر جڏهن انهن مٿي نهاريو
تڏهن ڏٺائون ته اهو پٿر ته اڳي ئي رڙهيو پيو هو. (٥) جڏهن قبر جي اندر
ويون ته ڏٺائون ته هڪ نوجوان نوراني پوشاڪ سان ساڄي طرف ويٺو آهي.
اهي حيرت ۾ پئجي ويون. (٦) تنهن تي انهيءَ جوان چين ته ”حيران نه ٿيو.
اوهين عيسيٰ ناصريءَ کي ڳوليو ٿيون پيون نه، جيڪو صليب تي چاڙهيو
ويو هو؟ هو جيئرو ٿي اٿيو آهي، ۽ هتي ڪونهي. اِجها! هيءَ جاءِ اها آهي
جتي هن کي رکيو هئائون. (٧) پر اوهين وڃو ۽ وڃي عيسيٰ جي شاگردن ۽
پطرس کي چئو ته ’هو اوهان کان اڳي ئي گليل ڏانهن وڃي رهيو آهي.
اوهين هن کي اتي ڏسندا، جيئن هن پاڻ اوهان کي ٻڌايو هو.‘“ (٨) اهي
ٻاهر آيون ۽ قبر کان وٺي ڀڳيون، ڇالاءِجو هنن کي ڏڪڻي ۽ حيراني وٺي
ويئي هئي. انهن ڪنهن سان ٻه نه ڳالهايو ڇالاءِجو هنن کي ڊپ پئي
ٿيو.

مريم مگدلينيءَ کي ڏيکاري ڏيڻ

(متي ٢٨:٩–١٠، يوحنا ٢٠:١١–١٨)

(٩) عيسيٰ آچر جي صبح جو سوير جيئري ٿيڻ کان پوءِ پهريون دفعو
مريم مگدلينيءَ کي ڏيکاري ڏني، جنهن مان هن ست ڀوت ڪڍيا هئا.
(١٠) هوءَ ويئي ۽ وڃي هن جي ساٿين کي اهو ٻڌايائين، جيڪي سوڳ ڪندي
روئن پيا. (١١) جڏهن ٻڌائون ته عيسيٰ جيئرو آهي ۽ هن ان کي ڏٺو آهي. ته
اهي هن تي اعتبار ئي نه پيا ڪن.

ٻن شاگردن کي ڏيکاري ڏيڻ

(لوقا ٢۴:١٣–٣٥)

(١٢) هن کان پوءِ عيسيٰ ٻئي نموني انهن مان ٻن شاگردن کي ڏيکاري
ڏني، جڏهن اُهي پنهنجو رستو وٺيو ٻهراڙيءَ ۾ وڃن پيا. (١٣) اهي موٽي پيا ۽ اها
ڳالهه ٻين کي ٻه ٻڌايائون. پر اهي ان ڳالهه تي اعتبار ئي نه پيا ڪن.

٧:١٦ مت ٢٦:٣٢، مر ١۴:٢٨

يارهن شاگردن کي ڏيکاري ڏيڻ

(متي ۲۸:۱۶—۲۰، لوقا ۲۴:۳۶—۴۹، يوحنا ۲۰:۱۹—۲۳، رسولن جا ڪم ۱:۶—۸)

(۱۴) آخر ۾ عيسيٰ يارهن شاگردن کي ان وقت ڏيکاري ڏني جڏهن هو
گڏجي ماني کائي رهيا هئا. هن انهن کي ڇينڀيو ڇاڪاڻ ته انهن کي يقين
ئي نه پئي آيو ۽ اهي ايترا ته بي‌اعتبار هئا جو جن هن کي جيئرو ڏٺو هو انهن تي
به اعتبار نه پيا ڪن. (۱۵) هن انهن کي چيو ته ”سڄي دنيا ۾ وڃو ۽ انسانذات
۾ منهنجي خوشخبريءَ جي تبليغ ڪريو. (۱۶) جيڪو به ايمان آڻيندو ۽ بپتسما
وٺندو سو ڇوٽڪارو حاصل ڪندو ۽ جيڪو به ايمان نه آڻيندو سو ڏوهاري
ٺهرايو ويندو. (۱۷) ايمان آڻڻ وارن ۾ قدرت جون نشانيون هونديون جو اهي منهنجي
نالي تي ڀوت ڪڍندا ۽ عجيب عجيب زبانون ڳالهائيندا. (۱۸) جيڪڏهن
اهي نانگ جهليندا يا زهر پيئندا ته به انهن کي ڪو نقصان نه پهچندو. اهي
بيمارن کي هٿ لائيندا ته اهي چڱا ڀلا ٿي پوندا.“

عيسيٰ جو آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ

(لوقا ۲۴:۵۰—۵۳، رسولن جا ڪم ۱:۹—۱۱)

(۱۹) خداوند عيسيٰ انهن سان ڳالهائڻ کان پوءِ آسمان ڏانهن کڄي ويو
۽ خدا جي ساڄي پاسي وڃي ويٺو. (۲۰) شاگردن وڃي هر هنڌ تبليغ ڪئي ۽
خداوند انهن سان گڏ پئي ڪم ڪيو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريائين ته انهن جي
تبليغ سچي هئي، ڇالاءِ جو ڪين قدرت جون نشانيون ڏنيون هئائين.

۱۶:۱۵ رس ۱:۸ ۱۶:۱۹ رس ۱:۹-۱۱

لوقا

لوقا رسول جي معرفت خوشخبري

تعارف

لوقا، جيڪو هڪ طبيب ۽ عيسيٰ مسيح جي شاگردن مان هڪ هو، تنهن جي معرفت مليل خوشخبريءَ جي هن پاڪ ڪتاب ۾ عيسيٰ مسيح کي بني اسرائيل لاءِ واعدي ڪيل ڇوٽڪاري ڏيندڙ ۽ سڀني قومن لاءِ پڻ ڇوٽڪاري ڏيندڙ طور پيش ڪيو ويو آهي. هن پاڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي ته عيسيٰ مسيح کي خدا جي روح سڏيو هو ته هو ”غريبن کي خوشخبري“ ڏئي (۱۸:۴). خوشخبريءَ جو هي پاڪ ڪتاب ماڻهن جي سڀني قسمن جي ضرورتن جي فڪرمنديءَ سان ڀريو پيو آهي. هن پاڪ ڪتاب ۾ خوشيءَ جي خبر به نمايان آهي، خاص ڪري شروعاتي بابن ۾، جيڪي عيسيٰ مسيح جي آمد جو اعلان ڪن ٿا ۽ وري اختتام تي پڻ، جڏهن عيسيٰ مسيح مٿي آسمان ڏانهن چڙهي ويجي ٿو. عيسيٰ مسيح جي آسمان ڏانهن چڙهي وڃڻ کان پوءِ ايمان آڻيندڙن جي ترقي ۽ ڦهلاءَ جو قصو پڻ لوقا جي معرفت ”رسولن جا ڪم“ نالي پاڪ ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي.

لوقا جي هن پاڪ ڪتاب ۾ گهڻو ئي اهڙو مواد سمايل آهي، جيڪو خوشخبريءَ جي ٻين ڪتابن ۾ نه ٿو ملي، جهڙوڪ: عيسيٰ مسيح جي پيدائش تي ملائڪن جو خدا جي واکاڻ ڪرڻ ۽ ريڍارن جو اچڻ، عيسيٰ مسيح ٻار جي حيثيت سان هيڪل ۾، نيڪ سامريءَ ۽ وڃايل پٽ جا مثال. هن سڄي خوشخبريءَ ۾ دعا، پاڪ روح، عيسيٰ مسيح جي خدمت واري ڪم ۾ عورتن جي حصي ۽ گناهن کان خدا جي معافيءَ تي وڏو زور ڏنو ويو آهي.